



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳوڙهن ڳاڙهو ويس

شاعري

جعفر جاني

سنڌي ادبي سنگت، ٽل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڳوڙهن ڳاڙهو ويس
موضوع: شاعري
شاعر جو نالو: جعفر جاني
ڇاپو: پهريون (آگسٽ 2011ع)
لي آئوٽ ۽ ٽائيٽل: فهيم سولنگي (سب ايڊيٽر سوجهرو)
ڇپيندڙ: سنڌي ادبي سنگت، ٿل
سهڪار: ماهنامہ سوجهرو ڪراچي

GORHAN GARHO WAIS
(POETRY)
Name of poet: Jaffar Jani
Print: First (August 2011)
Layout & Title: Fahim Solangi *(sub editor sojhro)*
Publisher: Sindhi Adabi Sangat, Thull
Assistant by: Monthly Sojhro Karachi.

**رابطي لاءِ**
جاويد ساغر
سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت، ٿل
موبائيل نمبر: 0300_3282829

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا:

سنڌ جي قومي، عوامي ۽ انقلابي شاعر
عبدالڪريم گدائي جي نانءِ

جعفر جاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جعفر جاني
1-2-2019
# 0334-2676147

# فهرست:


مهڙيو پنون: جاويد ساگر 7
مهاڳ: تاج بلوچ 9
وايون 19
پنجڪڙا 29
غزل 35
نظم 89

# مهڙيون پنو

نوي واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادبي سنگت نل ۾ آيل نون دوستن/ڪارڪنن، علائقي جي انقلابي ۽ رومانوي شاعر، عبدالڪريم گدائيءَ جي تخليقي ۽ سياسي ورثي جو سهارو وٺندي، ادبي سنگت جي هن ڏورانهين شاخ کي نئون رخ ڏيئي هڪ انوکي انقلابي رمز جو شعور بخشيو. انسان دوستي، رياستي جبر ۽ سنڌ جي حقن خلاف، هنن مهاڏي اٽڪائڻ لاءِ ادبي روايتن ۽ ادب جي پٽ ورتي. ۽ ادبي سرگرمين کي چوٽ تي پهچايو. پرپاسي وارا نوجوان تہ چڙيو متحرڪ سرگرمين باعث، ڏورانهين پٽن جا دوست بہ اچي سنگت ۾ شامل ٿيا. انهن ۾ جعفر جانيءَ جو نالو اهم آهي، جيڪو چاليهہ ڪلوميٽرن جو پنڌ جهاڳي هفتيوار ادبي ۽ تنقيدي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿي، پنهن لاءِ اتساهہ جو ڪارڻ بڻيو.

هن جي اکين جي گهري ڳاڙهاڻ ۽ پيشانيءَ جا گهنج تخليقيت جي پار جون نشانيون آهن. جاڳ جا جهان آهن. ۽ هن پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا سپنن بدران جيئري تخليقيت جي روپ ۾ پيش ڪيا. جن ۾ ڪچائي تہ هوندي پر هن جي پاڻ اربڻ واري جذبي ۾ وڏي ڇڪ ۽ پاڻوهہ هو. جنهن هن کي عروج بخشيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جعفر جاني، ڀرٽ جي شعوري ڏاهپ کي پنهنجي شعري تجربي ذريعي وسعت ڏني. ۽ بين ساٿين لاءِ نوان گس هموار ڪري ڏنا. هن خارجي ۽ داخلي تجربن ۾ پلتجي آيل تلحين کي ساڳي شدت سان پيش ڪيو ۽ پاڻ کي وسيع ادبي حلقن تائين متعارف ڪرايو ۽ اهم سڃاڻ ماڻي.

'ڳوڙهن ڳاڙهو ويس' هنجو پهريون شعري مجموعو آهي، جنهن کي ٺل جي برانچ شايع ڪرائي رهي آهي.

هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ بين فني مامرن ۾ سنگت تنظيم جي سرواڻ ۽ اڳوڻي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ۽ نئين ٿهيءَ جي سرپرست ۽ محافظ تاج بلوچ جا ٿورائتا آهيون، جنهن جي پيار ۽ محبت جي طفيل هي خوبصورت شعري مجموعو ڇپجي چڪو آهي.

آئون پنهنجي دوستن ۽ سماج ۾ اهم جاءِ والارينڌڙن، انتظار ڇلگري ۽ پروفيسر الطاف گوهر پيچوهو جو بيحد شڪر گذار آهيان. جن هن ادبي ڪم ۾ هٿ ونڊايو.



20 جولاءِ 2011
ٺل. جيڪب آباد

**جاويد ساغر**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي سنگت، ٺل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳوڙهن ڳاڙهو ويس...

(جعفر جاني جو فن)

**تاج بلوچ**

شاعريءَ جي معنويت ۽ ماڻهن تائين انهيءَ شاعراڻي خيال ۽ لفظ جي پهچ ڪالهه به مشڪل هئي ۽ اڄ به ذڪيائين پيش اچن ٿيون. ڪالهه به ڳجهائيءَ جو پيغام ماڻهن تائين ڪونه ٿي پهتو ۽ اڄ به نه ٿو پهچي. پر گهٽ ماڻهو آهن. جيڪي عام ماڻهن تائين رسائي رکن ٿا.

ڪالهه به شاعر/تخليقڪار جي سوچ. جذبي ۽ تجربي جي اظهار لاءِ طبقاتي معاشري ۾ حڪمران طبقن جا ڳيچ‍ھو. دلال همنوا ۽ مفاد پرست ٽولا رنڊڪ بڻيو بيٺا هئا ته اڄ به ساڳي ڪار آهي. انقلاب جي سمورن گسن تي ڪنڊا چاڙهيو ويو آهي. البت سوچيندڙن جو تخليقي تجربو اهڙن سمورن بئريئرس کي ٽوڙيو. پري پري تائين پهچيو وڃي- ۽ درد جي اوڙاهه ۾ ڪامندڙ سوچن کي مهميز ڏيڻ اضطراب جي صورت ضرور پيدا ڪري ٿو- پر اها به ڳالهه آهي جو اهڙي بي چيني فڪري سطحن تي هڪجهڙائي يا هڪ ڪرائي نه هجڻ ڪري اهو انقلاب يا سماجي تبديليءَ لاءِ ڏيهوڙي وارو عمل پيدا نٿي ڪري- ان جو علمي سطحن تي جيڪو جواز پيش ڪيو ويو آهي. اهو 'جديديت پڄاڻان' وارو

نظريو آهي جيڪو سامراجي حرفتن جي سهاري عالمي سطح تي، سرمايه داري جي ڪلهن تي چڙهي، گهڻ-قومي واپاري ادارن جي معرفت هلڪو سلڪو 'معاضو' ڏيو/وٺيو. خير جو گس روڪيو بيٺو آهي- انهيءَ بانور سان بيٺو آهي ته هنن جي چوڌرائپ دائمي آهي.

سياسي معيشت جي درست تجزيي جي ڪوٽ سبب انهن جي سوچ جو دارومدار انهيءَ سياسي قوت/اقتدار تي آهي جيڪو هنن لڳاتار دنيا کي ڊيڄاري/ڌهڪائي ڪريل سازشن ذريعي حاصل ڪري هڪ نوعيت جو دهمان ٻڌو آهي ته اسان جي حيثيت/طاقت کي فنا ناهي-حالانڪ عالمي سطح تي هيگل جي نظريي جي پوئواري ۾ مارڪس ۽ بعد ۾ لينن انهيءَ معاشي فلسفي جو جيڪو سينٿيسز پيش ڪيو آهي. ان مطابق ڪابه طاقت پوءِ اها سياسي هجي يا معاشي انهيءَ جي اينٽي سينٿيسز ضرور ٿيٺي آهي. ۽ حاصل ڪيل نتيجو به ان ڪري حتمي نه هوندو. ڇاڪاڻ ته لاڳيتي تبديليءَ جي عمل جي گهرج ئي اها آهي ته جيڪا شيءِ انساني سماج ۾ هر طرح سان فرد جي سک ۽ سلامتي جي ضامن هجي. ان کي به تبديليءَ جي مرحلن مان گذرڻو آهي- معاشيات سميت، ڪائنات ۾ تخليقيت کي به فڪري يا نظرياتي طور تي تبديل ٿيندڙ حالتن مان گذرڻو آهي. ۽ اهڙي گڻ ۽ خوبيءَ سان تبديل ٿيڻو آهي جيڪو ماڻهن جي جذباتي گهرجن جو عڪاس هجي ۽ ڪميونيڪيٽو هجي. ۽ اهڙي تخليقيت ماڻهوءَ جي ذهني، خوشي، راحت ۽ ايندڙ دؤر جي مشڪل حالتن جي مقابلي لاءِ هڪ سهارو هجي - جيڪو قلمڪار وقت جي رفتار ۾ ماڻهن جي مزاج ۽ حالتن جي تجزيي جو گهربل تجربو يا ادراڪ نٿو رکي ته ان جو فن قبولڻ جوڳو نه رهندو.

جعفر جاني به اهڙن تخليقڪار مان آهي، جيڪو گلوبل وليج جي هڪ ڏاڍي پنتي پيل ۽ قبائلي سوچ جي اونڌاهين ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظالم دائرن ۾ قيد علائقي (ٿَل) جو رهواسي آهي.

جعفر جاني، پنهنجي وجداني ۽ تخليقي تجربي سان مجموعي طور پنهنجي ادبي عهد کي متاثر ڪيو آهي- هن انقلاب ۽ رومانس جي اجتماعي شعور سان، پنهنجي تخليقي عمل ۾ اهو ڪجهه ڏنو آهي جيڪو عالمي يا ملڪي سطح جي مختلف قلمڪارن رضاڪارانه طور ڏنو آهي. هو پبلڪ رليشننگ جو شاعر ناهي بلڪ، گدائي ۽ نياز همايوني جيان عوامي شاعر آهي.

هو بنيادي طور، عام ماڻهوءَ جي سوچ ۽ جذبن جي عڪاسي ڪندڙ شاعر آهي، اوائلي ڏاهپ وارو، ظلم جي سرپرستي ڪندڙ سمورن غلط نظرين خلاف ويڙهه ۾ تخليقيت جو بنياد بڻجندڙ فطري نظريا هن جي شعر ۽ سخن جو اڻ-ٽٽ بنياد آهن- هن جي لفظيات نه ته اعليٰ معيار جي آهي ۽ نه ئي پست. هو ٻهراڙيءَ جي اڻ ڄهل سوچ ۽ لفظن ۾، انهن سان ٿيل ناانصافيءَ جو سچو ۽ تکو آواز آهي. هن جو ذاتي تخليقي تجربو سنڌ جي هر ڳوٺ جي رهواسيءَ جو تجربو آهي.

سنڌي ادبي روايت پٽاندڙ جعفر جانيءَ پاڻ کي شعر جي ڪنهن به هڪ ادبي صنف تائين محدود نه رکيو آهي. هن وٽ تخليق پنهنجي نزول وقت گهاڙيٽو پاڻ ساڻ کنيو اچي ٿي- غزل ۽ وائي سان گڏ نون گهاڙيٽن تي به طبع آزمائي ڪري ٿو. جيڪي هن جي رومانوي ۽ انقلابي مزاج جو اولڙو آهن. نظم، جعفر جاني جي مزاحمتي شعور جو ساکي آهي. پر ٻين صنفن ۾ پڻ هو پنهنجي مزاحمتي ۽ مهاڏي اٽڪائڻ واري شعوري تجربي کي به واهپي ۾ آڻي پنهنجي سڃاڻ برقرار رکي ٿو.

غزل ۾ هن روايتي غزل کان گهڻو پاسو ڪيو آهي. گهاڙيٽا اوس ساڳيا ئي رکيا آهن پر متن جي رنگينيءَ ۾ انقلابي ۽ مزاحمتي رنگ گهڻي قدر ڀيٽي ڇڏيو آهي جيڪو روايتي شاعريءَ جي ابتڙ ۽ حالتن پٽاندڙ وڻندڙ ۽ سُياويڪ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ٻه ڪا حيات آ، نه رنگ آ، نه روشني
نه ڀاڪ ۾ اميد ڪا، نه شام انتظار جي

نه چيٽ هيٺ راڳڻي، نه آچ چنڊ چاندني
نه ٽي ڪپي، نه ٽي ڪپي، اهي خوشي اُڌار جي

ڳلي ڳلي رليو هيو سڳنڌ جي صدا ڪٿي
ملي نه موٽ قوم کان، فقير کي پڪار جي

ياد ناهي ڪٿي مون وڃايون اکيون
آرسيءَ ۾ ته آهن پرايون اکيون
هي ستارا ٿا ٽمڪن يا آڪاس تي
عاشقن ۽ شهيدن وڃايون اکيون

ٿو رُتن ۽ رنگن جون ڪهاڻيون پڙهان
منهنجي احساس ۾ ڇا ته ڇايون اکيون

هڪڙو جذبو رڳن ۾ رهيو ئي رهيو
هڪڙي ڳولا ڳجهن کان جلايون اکيون

ڪا ننڊ مُئي، ڪا ڪاڪ ڪُئي، ڪا سير ستايل آ جانان
هن چاهه ڇُڪيءَ ۾ چين ڪٿي، جنهن ٻيٽي گهايل آ جانان

شهرن جي ڏاهپ کان پرتي، الهڙ اُنا جي هلچل کان
هي ٻهراڙيءَ جي سادي دل تولاءِ سڪايل آ جانان

هي دنيا اڻتر جي دنيا، هت ڪينئن ڪويءَ جو نينهن نڇي
هر ديد هتي ڳوڙها ڳوڙها، هر ڏيک ڏکايل آ جانان
پل ٽڻجن پنهنجون آڱريون، پر ساز نه مانو رڪڻو آ
ڪو ٻيو ايندو ڪجهه ڳائيندو جي تند تپايل آ جانان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجن يا مڪاني استحصالي قوتون سنڌي شاعر سيني ۾ مارئي نه ڳائي آهي.

معروضي حالتن جي مجبوريءَ ۽ ابلاغ جي ذريعن جي هڪ پاسائين هجڻ، مخالفاڻو رويو رکڻ يا مظلوم قوتن جو ساٿ نه ڏين جي ڪري رجائي، ۽ انقلابي شاعرن عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني محمد خان مجيدي، سرويچ ۽ منشي وغيره پنهنجو شاعراڻو احتجاج ڊائريڪٽ ميٿڊ ۾ ڪيو ۽ وڏي آواز سان (loudness) سنڌ جو ڪيس پيش ڪيو آهي.

فطري شاعريءَ جي نقادن نعريبازيءَ کي (loudness) کي پسند نه ڪيو آهي- منطق ۽ دليل پڻ اهڙن نقادن جي پنيرائي ڪن ٿا- پر منهنجي نظر ۾ پڙهيل ڳڙهيل ۽ جمهوري ملڪن لاءِ ائين ممڪن هوندو. پر جنهن ماڳ تي شعوري يا لاشعور طور علم ۽ فڪر جي اظهار لاءِ مثل ويساهه وارو وايومنڊل هجي ته پوءِ تنقيدي اصولن ۽ نظرين کي ٿيرائي، ههڙي شاعريءَ جي تجزيي لاءِ ڪنهن نئين نقاد جي ڳولا ڪرڻي پوندي. جيڪو ههڙي تلخ تجربي جي اظهار لاءِ ڪا واٽ ڏيکاري سگهي.

نظم 'ياڙيو' جي پڄاڻيءَ تي ڪو نقاد اعتراض واري چئي سگهي ٿو ته شاعر بزدليءَ جو مظاهرو ڪيو آهي- پر اهو درست ناهي. ان نظم جي پڄاڻيءَ جي پس منظر ۾ شاعر پويان سندس جيلن سوچيندڙ/انقلابين جو هڪ هجوم آهي جنهن جي سوچ سهاري هو وقتي 'مصلحت طور' پنهنجي 'انا' کي گهٽ ڏئي ٿو. شديد نفرت ۽ جهيڙي جي ماحول ۾ ضبط کان ڪم وٺڻ. جعفر جانيءَ جهڙي شاعر جو ئي ڪم آهي. هو طنزيه طور پاڻ کي 'ياڙيو' ڪوٺي ٿو- ۽ اها ياڙيائپ وڏي سطح تي هڪ وڏي سوڀ جو شاخسانو آهي. 'ورهاڱو' ۽ ٻيا نظمن هن جي عميق ۽ احساساتي تجربي جي عڪاسي ڪن ٿا.

**ڏاهپ ڏنا ڏنپ**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تخليقي مزاحمت جي اهڃاڻ طور سندس ذات ۾ ان هڪ نوعيت جو تخليقي اجتماع آهي، جنهن جي ناڻري ۾ سچو ننڍو ڪنڊ ۽ ٽين دنيا جا مظلوم ملڪ اچيو وڃن ٿا.

ٽئين ڳالهه ۾ جعفرجاني معتبر شاعر آهي جنهن ٽئين عهد يا تخليقي مزاج موجب ٻڪشن ۽ ورڪيبلرٽي جو ڳڙ ۽ اثر اثر استعمال ڪيو آهي- ۽ پي پاسي روايتي ۽ غير روايتي ٻلڪ ڪنهن هنڌ ٻنهي نوان ۽ ڪنوارا اصطلاح لفظيات هن جي شعري خوبي ۾ واڌارو آندو آهي.

جعفرجانيءَ جي شاعريءَ ۾ ذات لاءِ آئين چيني شاعر اولگا برگالز جي هڪ نظم ۾ ٿوري ترميم ڪندي چوندس.

پڪ سان چئي سگهان ٿو
هن هڪ لحظو به بي وقعت نہ گهاريو آهي
مرضيءَ واريون مسافتون طئہ ڪيون آهن
ڪڏهن ڪوڙ تار نہ ڪئي آهي
۽ سَرلو ٿي هليو آهي
سڀ ڪجهہ ڀڏڻ لاءِ
هن اجاين سجاين معشوقائن کي
سوڪڙيون ناهن ڏنيون
۽ محبت ۾ فريب کائي
پيار ڪرڻ کان پڇتايو بہ ناهي
هن جي من ۾ ازلي روشني آهي
جيڪا ڪيس تاريڪ گسن تان بہ ولڻيو وڃي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

19



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاهــــپ ڏنـــــا ڏنــــي

ڏڏ هـــڻ جـــي ڏوهـــ ۾

آئـــون اُڏامــــا ڪيتــــرو
ڪســـي پيــــا تـــم ڪنـــي
ڏاهــــپ ڏنـــــا ڏنــــي

ٻــوڙو ڏيهـــ ٻــڌي نـــ ٽــو
رڙبـــون، ڪوڪـــون، رنـــي
ڏاهــــپ ڏنـــــا ڏنــــي

ســج نـــ گهرنـــدو آميـــان
ٽيڪـــون، ٽوٽيـــون، ٽنـــي
ڏاهــــپ ڏنـــــا ڏنــــي

◆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي مون ڦاٽي

رشتن جي انبوهه ۾

چيپاٽي تو چاهتون

غرض جو هاٽي

رشتن جي انبوهه ۾

هر ڪو پنهنجي ۾ رُڌل

ڪوبه نه هو ساٿي

رشتن جي انبوهه ۾

ڪيسين آئون ورهائبس

ياڳا ياڳا ...ي

رشتن جي انبوهه ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا هئا هيٺا هيڏ

تنهنجا ويجهه هليا ويا

ڪنهن لئه تو ڇوڙي ڇڏيا
ساٿا ساٿا سيڏ

تنهنجا ويجهه هليا ويا

هاٿي واڪا ويڙهه تون
ڏي نه ڏيندئي ڏڏ

تنهنجا ويجهه هليا ويا

ڍينگن راڙ ڇڏي ڏني
اجيا ٽيا آهيڏ

تنهنجا ويجهه هليا ويا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيڏو تہ اوپرو مان
هن شهر مان نڪتو هان

شيشي جون بازارون
۽ ميرون سيرو مان
هن شهر مان نڪتو هان

واڪن جو مُلاٿون ٿيون
پر نوڙي گهيرو مان
هن شهر مان نڪتو هان

وڪ وڪ تي ورهاڱو هو
تي پهرو پهرو مان
هن شهر مان نڪتو هان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آ، تاڙيون تاڙيون لوڪ سڄو
هي ديس ڦوالن جو آهي

هت ناهه گنجائش گونگن جي
ڪنڌ ڏوڙيو طبلن جيئن وڄو
هي ديس ڦوالن جو آهي

هت پٿر، پٿر، ڏوهي آ
ٿيو هلڪا، سيٽيءَ ساڻ ڪڄو
هي ديس ڦوالن جو آهي

ٿي چپٽيون چپٽيون جيٺو آ
ڏند ٽيڙيو پل اندر ۾ هڄو
هي ديس ڦوالن جو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❋

جيئن اجي ڪا ڏيل
حياتي اهڙي ٿيندي آ

ڏنيل ڏيل، اساٿيل اکڙيون
دل جي دنيا پيل
حياتي اهڙي ٿيندي آ

آئي، اسٽيشن تي بيٺي
پوءِ هلي وئي ريل
حياتي اهڙي ٿيندي آ

ايئن نہ ڪل، ڪجاءِ نہ مونکي
ڇپ ڙي منڊ مڪريل
حياتي اهڙي ٿيندي آ

◆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هت لڙڪن تي تعذيرون هن
هيءَ رياست بي حس ٿهڪن جي

هت اکيون صحرا، صحرا هن
۽ سينا جهيرون جهيرون هن
هي رياست بي حس ٿهڪن جي

هت ماڻهو ڪوبہ مليو ناهي
بس تجريدي تصويرون هن
هي رياست بي حس ٿهڪن جي

هت ڪن-رس تي حاوي جاني
ڪن ڦاڙيندڙ تقريرون هن
هي رياست بي حس ٿهڪن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجڙا





*

ڪا جڳن جي ٻاڙ آهي روح ۾
ٻاڙ جيڪا ٻانيٽيءَ سان هئي ٻڪي
۽ وري جنهن دل ڪنيارڻ جي ڪڪي
تنهن مچائي راڙ آهي روح ۾
ڪا جڳن جي ٻاڙ آهي روح ۾.

*

دلڪشي ڳولي تڪو هان ميڙ ۾
۽ هجومن جا ڏڪيا ڏوڙا سهي
مون خمارن جي وڃائي آ وهي
۽ رهيو آهيان مسلسل ٽيڙ ۾
دلڪشي ڳولي تڪو هان ميڙ ۾.

*

مان جُڳن جي درد جي تصوير هان
ڪا صدين جي پيڙ ٿي مون ۾ رهي
پيڙ جيڪا سانحن مان ٿي ٿهي
يار جاني ٻي وضاحت ڇا ڪريان
مان جڳن جي درد جي تصوير هان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

ڪير منهنجا خواب چورائي ويو
خواب جن ۾ روشني هئي رنگ ها
ڪيئن بهارون ۽ سوين سا رنگ ها
جڳ سان ڪو نيڻ هيرائي ويو
ڪير منهنجا خواب چورائي ويو

*

مون مٽيءَ جا نيڻ ٿي چميا پئي
۽ رُتن جي موهه ۾ قاتل رهيس
پوئٽر وانگي وارن تي پاڳل رهيس
اهل دانش چند تي گهميا پئي
مون مٽيءَ جا نيڻ ٿي چُميا پئي

*

هڪ نئون راڳ ٿو لکڻ چاهيان
راڳ، جيڪو شعور جاڳائي
منهنجي جوهر جو نور جاڳائي
پوءِ جو راڳ ٿو لکڻ چاهيان
هڪ نئون راڳ ٿو لکڻ چاهيان




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ! تنهنجي چانڊني ميري نہ هئي
تون ڪڪر جي ڀڪ ۾ مسرور هئين
خوش ٿيس مونکان تہ هونئن ڀي ڏور هئين
ساڙتي مون دل ڪڏهن هيري نہ هئي
چنڊ! تنهنجي چانڊني ميري نہ هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفيس آرسي ٿئي، جڏهن ڪان اعتبار جي
اسان تڏهن ڪان آرزو ڇڏي ڏني بهار جي

اها به ڪا حيات آ، نه رنگ آ، نه روشني
نه باک ۾ اميد ڪا، نه شام انتظار جي

نه چيڙ ميرَ راڳڻي، نه اڄ چنڊ چانڊني
نه ٿي ڪپي، نه ٿي ڪپي، اها خوشي اُڌار جي

ڳلي ڳلي رليو هيو سڳنڌ جي صدا ڪٺي
ملي نه موٽ قوم ڪان فقير کي پڪار جي

اجان ته راڳ جاڳ جا صليب تي به ڳائبا
اجان ته تار آخري ڇڳي نه آستار جي

عجيب هو غريب هو حساس هو نفيس هو
مزار تي لکوا ها، ڪٿا ونا شمار جي

اوهان تي ٽيڪ ٿا ڪلهو اسان مٿان پلي ڪلهو
اوهان ڇڪي نه چاشني نهار جي ڪنار جي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد ناهي ڪٿي مون وڃايون اکيون
آرسيءَ بر تہ آهن پرايون اکيون

هي ستارا ٽِا ٽمڪن پيا آڪاس تي
عاشقن ۽ شهيدن وڃايون اکيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿورڻن ۾ رنگن جون ڪهاڻيون ڏهاڻ
منهنجي احساس ۾ ڇا ته ڇانيون اڪيون

هاڻ ڪنهن جي مٿس اک پڌي ڇاڻ ٿي
شهر ۾ جنهن سدا پئي ورهايون اڪيون

هڪڙو جذبو رڳن ۾ رهيو ئي رهيو
هڪڙي ڳولا ڄڳن کان جلايون اڪيون

هي ڪرامت آ رياست جي قانون جي
ڪن وڌايون جيون، ڪن ڪٽايون اڪيون

ديس جو درد هن ڪي نظر ڪيئن اچي
هن جو پرڏيهه مان هن گهرايون اڪيون

تيڪ جاني تصور جي ديوي ڏني
۽ حقيقت جي ڏانئڻ ڏڪايون اڪيون

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪا ننڍ ٿلي، ڪا ڪاڪ ڪُٺي، ڪا سير ستايل آ جانان
هن چاهه ڄڪي ۽ ڄرچين ڪٽي، جنهن پيتي گهايل آ جانان

هنئي چنڊ پڙي، چپ تارا ٿيا، ۽ رات سُرن جون لهرون ٿي
هي منهنجو ٿو احساس وڃي، يا تنهنجي پايل آ جانان

شهرن جي ڏاهپ ڪان پرتي، انجاڻ انا جي هلچا ڪان
هي ٻهراڙيءَ جي سادي دل تولاءِ شڪايل آ جانان

هي دنيا ائٿم جي دنيا، هت ڪيئن ڪويءَ جون نينهن نچي
هر ديو هتي ڳوڙها ڳوڙها، هر ڏيک ڏڪايل آ جانان

پل ڦتجن پنهنجون آڱريون، پر ساز نه ماٺو رکئو آ
ڪو بيوايندو ڪجهه ڳائيندو، جي تند تپايل آ جانان

جا ڪنهن باغيءَ جا نيڻ نه ٿي، ڪنهن خاموشيءَ لئه ويڻ نه ٿي
سا ذات اپاهج پينوءَ جيئن، هٿ پير وڍايل آ جانان

تن ساحر جلون جي سامهون ڪو جهيڙو تهڙو ڇا بيهي
جن آڏو سرڪش جانيءَ جو پڻ سيس نوايل آ جانان

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

وري مڪروهه ٿهڪن جي اسان تي ڪاهه ٿي آهي
اندر جي شهر ۾ جانان، وري پيچ ڊاهه ٿي آهي

اسان جي سادگي آ، جو وچون ڪڙڪيون ته سمجهيوسين
وري ڪا دل ٽٽي هوندي، وري ڪا آهه ٿي آهي

نمازن لاءِ سوچيوسين ته تنهنجا چپ ياد آيا
وري دل ٿيڙ ڪاڏا ۽ وري گمراهه ٿي آهي

نفاست سوچ ۾ آئي، لٽي لهجي ۾ ڪوملتا
جڏهن کان درد جي خوشبو، اچي همراه ٿي آهي

جنوني وحشتون ويڙهي جواني سوڪلائي وئي
شعوري درد کان پوءِ تي تڏهن آگاهه ٿي آهي

مسافر پياس جي شدت سهي اگتي وڌي تو پر
وکن جي درد کي پرجهي، ڏکاري راهه ٿي آهي

اسانيل روح جو رت ست گهري ٿي شاعري جاني
مسلسل پيٽ پوکي سين، مسين وهواهه ٿي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي دل دردن کان آجي، ماڻهوئي ناهي
جنهن ۾ ناهي سُرت سماجي، ماڻهوئي ناهي

جيڪو محبت ۽ مذهب کي ڌار ڪرڻ چاهي
سو ڇا پنڊت، ڇا جو حاجي، ماڻهوئي ناهي

ماڻهو سو آ، جيڪو ڪيڙي، ڪائي، ڪارائي
جنهن کي پاڻ ۾ پيل محتاجي ماڻهوئي ناهي

پنهوارن سان پيچ تہ فطري، پر ڌاري آڏو
جنهن نہ ڪنائي ڪوڪ انا جي ماڻهوئي ناهي

ڪيس ڇڏي ڏي پل ڌارين جا بوٽ چٽي جيئي
هُو ڇا وڙهندو ويڙهہ بقا جي ماڻهوئي ناهي

نينهن نہ جنهن جا نيڻ پسايا، پيڙ نہ جنهن پُرجهي
تنهن سان جاني ياري ڇا جي، ماڻهوئي ناهي

☆

●

هي ماڻهو ڳوڙها ڳوڙها ڇوءِ سارون ڇو آهن
جي ماڻهو اهڙو هوندو آ. مور لاءِ ميارون ڇو آهن

دلين ۾ خدا وسندو آهي، تو ليڪ ڇيو هو "اي باهو"
پر قبلہ هڪڙي ڳالهہ پڇان، هي ڏارون ڏارون ڇو آهن

ڇو ڏامر هاڻ رستن تي آ ڍڙا گهاڙن پيرن جي
هي هيڏو دونهون ڇو آهي، هي ڪوڪون ڪارون ڇو آهن

تون ناهين، آئون جلان ٿو پر هي ڪوبل ڇا لئہ روئي ٿي
ڇا تن سان تنهنجو ناتو هو بيچين بهارون ڇو آهن

نابين هٿن ۾ پٿر هئا، هر پٿر ۾ مون جيت ڏٺي
پر "شبليءَ" جيڪو گل هنيو تنهن ۾ هي هارون ڇو آهن

هي مٽي آ، هُو مٽي آ، هي ڳالهہ سراسر ڇٽي آ
پر مون نہ پرولي سلجهائي، هي سر حد. تارون ڇو آهن

هي جاني ڳهيلو ڳوناٺو هي ڪينن بہ ناري ٿو ناٺو
پر ڏاها توکي ڏڏ مٿان. هي هيڏيون خارون ڇو آهن.

●

ڪو ٽاٽو ٿهڪن جو ڪا ويل ولوڙن جي
هي عمر ڪٿا ياسي، لمحن جي ڊوڙن جي

معبود انا ھُن جي، ھُو نُور نسورو آ
ڳڻ-پهه سو ڪندو ڪهڙي مٽيءَ جي پنوڙن جي

رويوٽ رياست ۾ روحن جو ڪچڻ اهڙو
جڻ تيل- ڪڙهائيءَ ۾ سرباٽ پڪوڙن جي

جنهن ڏينهن پرين ملندا، تنهن ڏينهن مري ويندس
آ، هير پييل مونکي، زهر آب وڇوڙن جي

مس ڪال سنڌ ساڳي، ڪنگال اسين ساڳيا
احساس تي ساڳي آ، هڻ- مار هٿوڙن جي

آقا جي نيت ڇاهي، هر هر ٿو اچي ڪاهي
ڪا لوڏ لغورن جي، ڪا پيڙ پگهوڙن جي

جاني ٿو غزل ڳائي، ڏاهو ٿو سڙي سوچي
هن جت ڪٿان آندي، هي ذات ڪروڙن جي!

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥

هيئن روڪيم، حسرتن جي ڀيل ڪ ي
دل سڏي پنهنجي ڏنم ڏاڙيل ڪي

ڪيئن زاهد، عشق کان توبه ڪريان
ڪيئن ساڙيان روح جي رابيل ڪي

ڀوڳ هاڻي روڳ ٿيندو ٿو وڃي
روڪ جانان، ٻي رخيءَ جي کيل ڪي

تون ٻه جي آزاد ٿين بهتر اٿئي
مون ته توڙيو آنا جي جيل ڪي

جا ٻه وهشت هئي، سندس ورديءَ ۾ هئي
منهن ۾ ڪا حشمت نه هئي جرنيل کي

ڇو پروڪا پيار ٿو ساري سِڪين
هيل جاني تون فتح ڪر هيل ڪي.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

•

اسان تہ بيٺڙو ڇهيوئي مس آ، لهر لهر ۾ اپار آهي
خضر، هينئر ئي تہ ڪر نہ ڪيچل، اجان پري تڪ تار آهي

گلن کان ڪنڊرا، شفق کان اجرا، ٿي خواب پوکي پئي اکين ۾
اماس راتين ۾ ڏات آئي، ڪٿي پرهہ جي پچار آهي

ڇُري پُري پئي لُري اجان پي، اجان تہ خوشبو بہ جاڳ ۾ آ
سنيار ساٿي حواس ڇا لئہ سنڌءِ اکين ۾ خمار آهي

ثواب تنهنجو نفيس چولو، اسان سڀيو آ عذاب ڪاٿي
اسان مسلسل گناهہ ڪيا هن، تڏهن تہ توبہ نڪار آهي

سڪل سرن جئين سڙو بہ ٿا پر، تڏهن بہ تڙڪاٽ ڇونہ آهي
ڪراڙ ڪان ڪا پڪار آئي، ڪٿي اسان لئہ ميار آهي

بحر نہ ماپيو وزن نہ توريو، اسانجا احساس تنجي بوندا
ميون ٿا جاني، تہ اي ايهڙا وهانجي اوڇي اُڏار آهي.
اديبو

☆

●

ڪنڌي سر گوشيون آئي، جڏهن پيءُ تان آئي آ
ڄڃن جي ڪا وِلڪلتا، ڪٿي سوغات آئي آ

ڪنواري ٻاڪ جو درشن ڪڏهن ٿيندو نصيبن ۾
مسلسل پيٽ ۾ آهيون، جڏهن کان رات آئي آ

ڏکن عضوا، لڇن آسون، ڪَٿي وئي زرو تنهائي
اسان کي سرد راتين جي ٻکن ۾ مات آئي آ

نہ تنهنجي ساٿ جي اٽڻ، نہ پنهنجي ساھ جو الڪو
الائي هي ڪٿي مونکي وٺي حالات آئي آ

نگاهون مئڪشن وانگي رهيون هن ٿيڙ ۾ جاني
نہ آيا، هُو نہ آيا پر متان سڪرات آئي آ

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

ننڊ رُنــي آ تيــرنهن تــالي ڇــا ڪريــان!
جــام نــہ جانــان، چــپ مــوالي ڇــا ڪريــان!

انٽرنيــٽ جــو عشــق نــہ مونکــان ٿــي سگهندو
هــاڻ نـــہ ٿينـــدو چنــڊ ٽپــالي ڇــا ڪريــان

گهـــر، گهـــر آهـــي، ۽ رولاڪـــي ڄَـــر آهـــي
پـــر پـــوڻن جـــي نينـــڊ نرالـــي ڇــا ڪريــان

شــهرن ۾ ڪـــا اڻـــڙي وحشــت ڪــاهي پئــي
هـــر دل ڦـــارون، هـــر اک آلـــي ڇــا ڪريــان

ائـــٽم بـــم جـــو خـــوف نـــہ هونـــدو لهجـــن ۾
هونــدي منهنجــي خــام خيــالي ڇــا ڪريــان

روز پنجـــين موســـم جـــو ٻـــارڻ ٿيـــان جـــاني
ڪرڻـــي آ رُت جـــي رکـــوالي ڇــا ڪريــان.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

روڳ ۾ هئـــي فضـــا، ســـوڳ مـــاحول تـــي
ڪـنهن پڪـيءَ جـو تنگيـل لاش هـو پـول تـي

زنـدگيءَ جـي جنـب ـ ٽيـپ مـان هـن مليـون
چـاهتن جــون گهڙيـون چـار پئـرول تــي

مولـوي چـڏ ميـان، مئـي پيئـان ۽ جيئـان
جـي نـہ سـگهندس مـان دوزخ جـي دلهـول تـي

بـــي نيـــازي، فياضـــي پنهـــي ۾ وڏي
مـان خـدا تـي رکـان يـا رکـان ڊول تــي

سـي ٿـا پنهنجـي اڪـارن تـي تنقيـد ڪـن
جـي ڀڳـا هـا ڀـري چـرڪ چـاچول تــي

دوش، مـدهوش جـانيءَ جـو وڙڪـڻ نـہ هــو
ڪـــوڙ رســـتا بــــ عاشـــق هئـــا رول تـــي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڪنهن سار جي سرهاڻ ۾ وهنتي فضا آهي
وري يادن جي چانئٺ تي رُني ٿڏڙي هوا آهي

ڇري هر هر خيالن ۾ چُمي ٿي باک جي ڇاتي
اياڻي آس ڇا ڄاڻي، ڏکي ڪيڏي سنجها آهي

اڃن وارن کي ڏسندي ٿي وري اڄ آرسي پٽڪي
ڪچو هو رنگ مستيءَ جو جواني بي وفا آهي

چڱائي ۽ بُرائي جي جنگين جو استعارو هئي
عجب آ، تيل خاطر هيل جاڳي ڪربلا آهي

سنواري سينڌ تي گوري، ڦٽي معراج ماڻي تي
چڳن مان چنڊ ٿو ايري، هُلاڻو جا بجا آهي

اوهان جي جسم جي بيهڪ، اوهان جي روپ جا جلوا
ٻڌائن ٿا ته اي جانان، ڪٿي ڪوئي خدا آهي

جواني جام وانگي هئي، ٻيا پو مئڪدو ياسي
اسان جي زندگي، جاني خمارن جي ڪٿا آهي.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

جهونـو جـوڳي، هـونئن تـہ پـاڻ بـہ مانـدو هـو
بک جي نـانگڻ جـنهن جـو ڏنگيـو آنـدو هـو

ڏاريـــن کـــيس کڻايـــا جوتـــا پئســـن تـــي
پنهـنجن مســـڪينن وٽ هـو تـہ مهانـدو هـو

آڳ اُجهـائڻ جـو نيڪـو پـڻ کـيس مليـو
جيڪـو پنهنجـي فطـرت ۾ ئـي سـانڍو هـو

ڪـا پيڙا، ڪـا رنگيني، ڪـا جـوت نـہ هئـي
محبـت کـان پهـرين، مـن خـالي پانـڊو هـو

تو ڏاران پيو نيڪ هيـو سـڀ ڪجهـہ جـاني
نيـڻن ۾ پـاڻي هـو دل تـي ٽانـڊو هـو

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل وڏي ڪر، اي مسافر رات جا
ڏور ناهن، سوجهرا پريات جا

هيڪلائپ، خوف تي جنمي پئي
وار تا ڪانڊارجن، جذبات جا

بي زباني، تنگدستي، سادگي
ڪوڙ هئا اسباب پنهنجي مات جا

اي ڪڪر . ڪاڏي وڃين ٿو توسوا
ڪير ڏيندو آسرا برسات جا

✓ ديس، تنهنجي ڏوڙ مان تخليق ٿيا
هي سنهرا رنگ منهنجي ڏات جا

سونهن، تنهنجي بندگي جانيءَ ڪئي
تو مُڪا هن ڏي صحيفا تات جا

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام ڪان ٿو پيئان، پر نہ ٿي دل رَڄي
تانگهہ جي تار سون ٻر ايجان پئي وڄي

ياد ڪر، تنهنجي نالي سان منسوب هو
هي هيئڻ جو هيئڻ هول ۾ ٿو هڄي

ديس جو درد آ، يار جي سار آ
آ ٻنهي سان ٻڌل، روح ڪنهن مان ڪڄي

انت گمنام آسيس آهي پرين
پيڙ ماڻي وٺون، پيڙ جيسين پڄي

آئون انڌن تي ڪهڙيون ميارون رکان
ڪين جاني جڏهن ڪنهن سڃاتو سڄي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ مايوسي ٿئي ٿي، نہ ٿي سا ٿڪي ٿي
اهــا ديد جا راهہ تنهنجي تڪي ٿي

اوهــان کــي پيـلا راس آيــون بهــارون
اسان کي تہ هر ڪا ڇري رُت ڇڪي ٿي

وري هــوءَ اچــي ٿــي، وري ســا ڳي حالــت
وري ٿــو وئلجــان، وري دل ڏکــي ٿــي

اســين ڪٺڪ دانا، حيـاتي ڇڪـي آ
اسان لئہ ٿري ٿي، اسان کي ڦڪي ٿي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهائين پڇاڻان، اوراڻا، اوراڻا
پئي ڪاڪ ڪوڪي، لڇن تا وڇاڻا

اڙي دل اڃاري، اڃان پنڌ پرتي
اڃان انگ ناهن تيا ڏوڙ- هاڻا

جيئون تا، جيئون تا، اڃان ٻي جيئون تا
ڪٿي روح ريتا، ڪٿي ساهه ساڻا

اوراڳي، اوراڳي، مسين مار تياڳي
چڪائين متان چاڪ منهنجا پراڻا

اسان نيڻ ٻاري ڪيو سوجهرو هو
جڏهن ديپ هئا مٽڪڌي جا اُجهاڻا

اڃان سيڻ پنهنجا نه جاني ڏٺا سون
اڃارا اڃان نيڻ پنهنجا نماڻا

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون وچان ٿو، هاڻ انا کي ڇڏ ڪٽي
سوتي ايندس، هڪڙو پيرو سڏ ڪٽي

وس پڄي ها، جذبن کي دفنايان ها
دل ڪان ٿوري پرتي اونهي کڏ ڪٽي

احساسن جو پنڌ اڙانگو آ پيارا
هلندو پئي تو ڳوڙها، مرڪون گڏ ڪٽي

وقت جي واچوڙن جي ڏاهيو ڇا ٿي پيو
تنهنجو اجهو آهيان، تون پيهر اڏ ڪٽي

هڪڙي مرڪ جي عيوض چار چميون ڏيندس
هونئن حسابن ۾ مان آهيان ڏڏ ڪٽي

پوڙهائپ ۾ ڏار ڪيئي ڪجهه سوچين ها
ڪاڏي ويندو جاني هيٺو مڏ ڪٽي.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين ۾ شهر. صحرا. جهنگ آهن
خمارن جا هزارين رنگ آهن

اجازت ڏي چپن مان وڃايان
ٻرون ٽنهنجا. لڳي ٿو چنگ آهن

چپڳون آليون ڪري چنڊڪو ڏنائين
تـ مون سمجهيو وريا سارنگ آهن

اوهان جي مرڪ ۾ لڄجي تان صدقي
اوهان وٽ دل ڪسڻ جا ڍنگ آهن

اسان هڙيا: جي ڪولي ڏني آ
منجهس ڪي تلخيون ڪي ڏنگ آهن

ڪوئي جي خواب جو سو ديس ناهي
جتي ائٽم جراثيا انگ آهن

پکين ۾ شاعرن جا روح باغي
قبوليندا نـ جاني. دنگ آهن

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

ڪٿي جذبات ۾ پستي نہ آهي
مگر، تورڙي اها مستي نہ آني

اسين فطرت جو منظر ڪو انوکو
اسان جي ڪا الڳ هستي نہ آهي

اوهان کان پوءِ منهنجي رول نيڻن
ڏٺي ڪا ننڊ جي وستي نہ آهي

لڳي ٿو اڄ بہ هن مينديون نہ چوڙيون
هوا ۾ اڄ بہ سرمستي نہ آهي

رُتن، خوابن، دلين تي يار جاني
هلي ڪنهن جي زبردستي نہ آهي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دليـون، خوشبو خوشـيون ميـٺڙي ڪٽـي وئـي
لـڏي هــن ڳــوٺ مــان جــا پــدمٽي وئــي

اوهــان جــي ڳُهــور تــان گهــوري گلابــڻ
وڃــائي جــيءَ منهنجــي جــي جٽــي وئــي

مســــافر چنــــڊ پــــي راڻــــو آلاپيـــو
تـہ منهنجـي دل بـہ تنـدن جيـئن تٽـي وئـي

اهــا جــا ســنڌ نــالي جــل-پــري آ
وري ڪـنهن ديـوَ ڪـاٽي ڪـي وٺـي وئـي

اسـان ڪـم ظـرف سـان تعلـق رکيـو هـو
اسـان جـي سـهپ ڪمـزوري ڳٽـي وئـي

اوهــــانجي ســــار جــــاني ڪيچلــــي آ
اکـين ۾ جـاڳ جـا ڪوڪـا هٽـي وئـي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

خــواب جيـڪــي مــون ڏٺا رنگــين هــا
ســـا ييان جـــا آســـرا رنگـــين هـــا

يـا رڳـن جـي پيـاس ۾ ڪـو لطـف هـو
يـــا تـــ ســـاقيءَ جـــا ڏٺـــا رنگـين هـــا

انـدلئي دردن جـو مـون سـان سـاٿ هـو
عاشـــقي جـــا پيچـــرا رنگـــين هـــا

تـــو اڪــين جـــي آرســـي ميــري رڪـــي
عڪـس منهنجـي چاهـ جـا رنگين هـا

يـــار جـــاني آس ۽ احســـاس جـــا
ســـوجهرن ســـان واســـطا رنگـــين هـــا

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ٽڪي ٿو خمار جانان! تڏهن منجو ٿا نهار ساڳي
وري خمارن جي ور چڙهون ٿا. وري اسان جي اُڏار ساڳي

اوهان گلابي حجاب ڏاريا، اسان به پاليا حسين ڳوڙها
اوهان ڏني آ اُداس دوري، ٺٺيس پنهنجي پُڪار ساڳي

جَهڪي نه ٿي آ چميءَ جي خواهش، نه ئي ٿڪي آس ياڪرن جي
اڃين تہ سجني، جوان جذبا ڪري ڪڙا هن قطار ساڳي

اڙي او مگٽا، ميون تڏهن جو مٿل ضميرن ۾ ساهہ ڦوڪين
ڳلي ڳلي ۾ ڏياچ ڪسبا، نہ چيتڙ ييجل تنوار ساڳي

اها انڌيري اُماس جاني، اهائي موسم بغاوتن جي
حرام روزا ٽٽا چپن جا، چڙي پرهہ جي پچار ساڳي.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

اُداس چهرا، نيڻال مرڪون
ٻُٽيون رهيون ڪي سوال مرڪون

حساس رُت جو هينئون ٿو ڦاٽي
سنوار ڪاڪل، سنڀال مرڪون

ڪڏهن ته زُلفن جي ڇانوَ ملندي
ڪڏهن ته ٿينديون بحال مرڪون

جيئڻ لئِه نفرت به آ ضروري
رڳو اياڻا نه پال مرڪون

اسان ته سوراج لئِه رُناسين
نه ماضي ڪلڪل نه حال مرڪون

☆

تنهنجي يادن جي بادشاهيءَ ۾
دل اسان جي رهي تباهيءَ ۾

مان لکان ٿو گٿا اُداسين جي
روح ٽنگيل آ ڄڻ تہ ڦاهيءَ ۾

ساٿ جي کيل ۾ نہ وقفو ڪر
ساهہ نڪري وڃي نہ ساهيءَ ۾

نيڻ ٻاريو ڪرڻ ذلالت آ
پنڌ جگنوءَ جي سربراهيءَ ۾

آسرن جي تپش رهي هر پل
سرد راتين جي رول راهيءَ ۾

عاشقيءَ جو گناهہ پڻ لکجو
پنهنجي جانيءَ جي بيگناهيءَ ۾

☆

اجـان خمـارن وهـي نـہ مـاٺـي، اجـان پيـئڻ ڏيہ اجـان پيـئڻ ڏي
اجان نہ ٿي آهي سُرت ساٺـي، اجـان پيـئڻ ڏيہ اجـان پيـئڻ ڏي

اسـين اُجـارا، سـندءِ چـپن ۾ لطـافتن جـا سـمونڊ آهـن
پرين اسان کي هي پاڪ پاٺي، اجان پيئڻ ڏيہ اجـان پيـئڻ ڏي

صـديون اڪيلـو رُلـي رچـن ۾، اجـن تـي تـاريخ مـون لکـي آ
مسـين تـہ توبـہ پڳـم پراٺـي، اجـان پيـئڻ ڏيہ اجـان پيـئڻ ڏي

اجـان صـليب تـي خـون ريـٺـو شـهادتن جـي ڪـٿـا لکـي ٿـو
اجـان وفـا جـي نـہ تـي پڇاٺي، اجـان پيـئڻ ڏيہ اجـان پيـئڻ ڏي

نفيس جسمن تي وقت ڏمريو جوان ٿيا ٿهڪ بـي حسـيءَ جـا
چوي ڪهاڙي ٿي خون۔ هاٺي: اجان پيئڻ ڏيہ اجـان پيـئڻ ڏي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪا پيڙا، نہ ڪي ڳوڙها، نہ ڪا چاچول يادن جي
اڙي ڪلرانجي وبندين، ڪوي هڙ ڪول يادن جي

وڇوڙو نئون نئون ياسي، اُداسي اوج تي پهچي
ولوڙن کي ملي معني، ادا سا ڳول يادن جي

وري دلهول ۾ گهاريون، وري توکي پيا ساريون
وري هي شام تي آچي، پري ڪا جهول يادن جي

اجان ايمان ۾ آهيون، اجان تون ڏيان ۾ آهين
اجان جاري تلاوت آ، چپن تي ڏول يادن جي

اجل هي زندگي تنهنجي امانت آ، تڪڙ ڪهڙي
لکڻ ڏي يار جانيءَ کي ڪتا انمول يادن جي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

بڇي آوارگيءَ جي ٻاڙ مونکي
پناهن ۾ نه هاٺي واڙ مونکي

ڇُمي ڏي الوداڻي مان هلان ٿو
سڏي ٿي رڃ مان ڪا راڙ مونکي

اجان تائين ته مان پيلو گهڙو هان
اجان اي عاشقي، ڪجهه ساڙ مونکي

وري ٿي جاڳ مونکان موڪلائي
وري اي درد، تون ڏونڏاڙ مونکي

هجومن جو نه حصو ٿي سگهيو هان
هٽڙ آئي نه جاني ڊاڙ مونکي

☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستن دوکا ڏنا وشواس کي
درد ڄڻ وڇڙي پيا احساس کي

تن ڏهاڪن کان نپائيندو اچان
خشڪ نيڻ جي پڌر تي پياس کي

جو پرينءَ جي چڪ مان تخليق ٿئي
نانءُ مان کهڙو ڏيان تنهن واس کي

سرد شامن جو لُڇي لوريون ڏِين
چَپ ويچارا، چُميءَ جي آس کي

مان مٽيءَ جي موهه ۾ ڦاسي پيس
لوڪ چميون ٿي ڏنيون آڪاس کي

پاڻ واري يار جانيءَ کي ڏسو
ٿو ڪٺي پنڪي ڪلهن تي تياس کي

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

عاشقي پاڻ تي فرض آهي پرين
پر مٿيءَ جو بہ ڪجهہ قرض آهي پرين

مان رُڃن جي ڪٿا، مان اڃن جو قصو
تي نہ منهنجو حصو عرض آهي پرين

ڏوڙ ۾ ٿو گڏيءَ لتاڙيو ڇڏي
تو جيان وقت لاغرض آهي پرين

اي پنائي، اسان جي جري قوم کي
ماٺ نالي لڳو مرض آهي پرين

درد جي چاشني ٿو لڪايو چکي
تنهنجو جاني بہ خود غرض آهي پرين

☆

●

يار نہ ساريان، اھڙو ناٹو ڪونھي ڪو
ھر دم نئون آ، درد پراڻو ڪونھي ڪو

ھيل ٻہ پر جيئن گھنج وڌيا ھن چھري جا
ھيل ٻہ منھنجو جذبو ساڻو ڪونھي ڪو

سمجھايوس نہ چرڪي، ڪين ڳھي ويندس
مناٺو آھي، مکڻ چاٺو ڪونھي ڪو

ھاڻ عشاقن جھڙي دنيا ناھي رھي
ھاڻ امن جو ڪوبہ ٽڪاڻو ڪونھي ڪو

ھڪڙو ھوڏي باھ ٻچي ٿو دنيا کي
ڇا ڌرتيءَ تي راڻي راڻو ڪونھي ڪو

محبت، شھرت، دوست مليا، دل اڌري ٿي
ليڪن منھنجو ظرف اڌاڻو ڪونھي ڪو

پيار تياڳي، پئسو ناھي ناممڪن
تنھنجو جاني ايڏو سياڻو ڪونھي ڪو

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

اڄ تہ ديپڪ راڳ ٿا ڇيڙيون اسان
ڀاڪ سان نئين طرز ۾ جهيڙيون اسان

وقت وانجهي، سڙهہ سماجي حالتون
زندگي درياءَ ۾ ٻيڙيون اسان

دل سندءِ يادن جا سجدا ٿي ڪري
ڪيس ڇو ايمان تان ٿيڙيون اسان

خواب ۾ خوشبو رهي ٿي ڪنڪ جي
خواب ۾ پڻ ڪيت ٿا ڪيڙيون اسان

لوڪ پئسي لاءِ هو ڊڪ ڊوڙ ۾
يار جاني چاهتون ميڙيون اسان

☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

پنڌ اوکو هيو راهہ ۾ لِڪ ها
پر ارادن ٽڪائي ڇڏيا ٽِڪ ها

سانوري تو سوا، هير جهيرون ڏنيون
چانڊنيءَ پڙ وڌا، روح کي چَڪ ها

سات جي دليريءَ کان جذهن مان ڇڳس
انگ منهنجا ٽُيا، مون منجهان ڪِڪ ها

واهہ ۾ لاش ڪاريءَ جو لڙهندو رهيو
۽ ڪپر تي رُنا درد مان اڪ ها

مون نہ جاتو تہ ويساهہ گهاتيون ڪندا
نرم لهجا سندن گيت تي ڍِڪ ها

يار جاني اهي نيٺ اجڙي ويون
جن دلين ۾ گهروندا اڏيا شڪ ها

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تون مومل، نہ مان راڻو نہ پنھنجا ڪاڪ جا سجدا
ٿيان ڪافر، وساريان جي، اوھانجي ٿاڪ جا سجدا

پرين فطري عبادت جو طريقو ڪين ٿو مٽجي
اھا تنھنجا گھٽي ساڳي، اھي رولاڪ جا سجدا

اجان پنھنجي مسيحا کي اسان جي ڪا خبر ڪانھي
اگھائين چو نہ ٿو مولا، اجان ناچاڪ جا سجدا

اسان ھن پونءِ کي چاھيو اسان ھن پونءِ کي پوڄيو
ميان تنھنجي بِلي آھن، اھي افلاڪ جا سجدا

کُلي آ ذات جي ڪڙڪي، لڳي ٿو اڄ وري جاني
ڏيون احساس کي چميون، ڪبا ادراڪ جا سجدا

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

دل سان دردن جي گرمجوشي رهي
۽ اها خوشين جي روپوشي رهي

ڪا اچاتي اڄ سانديي هئي رڳن
هونئن ته ساري رات مئنوشي رهي

چار چپ چرپر ۾ هئا، تن کان سوا
رات تي مدهوش خاموشي رهي

هر اگهاڙي جون اکيون کڏيون ويون
مس شريفن جي سترپوشي رهي

ويم ـ گهر جي در تي بيٺل شخص سان
آس ۽ الڪن جي سرگوشي رهي

مست جلون ڏي نه ڪنهن جو ڏيان هو
ديد جاني جي سدا دوشتي رهي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

جهولا جوان ٽيا هن، وڻ وڻ اداس آهي
هر لام تي لڇي پئي، هر پن نراس آهي

ڇهرا ٻه چڻ صحيفا، ۽ گهڻ آيتون هن
جيڏي ڪجي تلاوت، تيڏو مٺاس آهي

انسان کي پروڙين، انسان کي سڃاڻين
شاعر نگاهه تنهنجي آدم-شناس آهي

اڄ ڏينهن عيد جو آ، پر تو سواءِ سڄڻ
احساس جي بدن تي ڪارو لباس آهي

نئين ڪابه ڳالهه ڪانهي، جانيءَ جي شاعريءَ ۾
ماڻهوءَ جي ڳالهه آهي، ماڻهوءَ جو واس آهي.

☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

•

اها نـي ڪـوڪ ڪوبـل جـي، اهـا زيتـون جـي ٽـاري
مگـر ڇـو هيـل رمجـي ونـي، اسـان جـي ديـد تاسـاري

مسين ڪو شوق جاڳيو هو مسين ڪا آس جرڪي هئي
ويـا هـاري نـوان ڇهـرا، وري ويسـاهه تـي واري

ڏهـاڙو عيـد جـو جانـان، تضـادن ۾ گـذاريو سـين
ڇـپن مرڪـون ورهـايون پئـي، رنـي دل درد جـي مـاري

اسـان پـڻ چنـد هڻاسـين، پـر ڪڙياسـين سـرد راتـين ۾
نـه ڇيڙي سا سگهي ڪنهن ڪي، اسان جا چانـدني هـاري

اڙي مـئڪش! ٽـڙو ڇـو ٿـا، اجـان مـڌ پـي ڪٿـي نـاهي
اجـان ٽـاٽو ٽريـو نـاهي، اجـان پـي رات آ ڪـاري

نـه ڪابـل جـي گهٽـي آهـي، نـه بغـدادي مٿـي آ
اسـان جـي دل مٿـان ڇـا لئـه وڇـوڙن جـي هـي بمبـاري

زمـاني جـي روش تـن سـان پنجـابي فـوج جهـڙي هئـي
اسـان جـا خـواب هٿـا جـاني، بلـوچن جيـئن ڏوهـاري

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

وري آ سار جي موسم، گهليون ڪومل هوائون هن
رڳن ۾ درد ٿو ڪيڏي، چپن تي ڪي صدائون هن

وچوڙي جي شهيدن جا پڇين احوال ٿو ڪهڙا
دليون بغداد جي ڌرتي، اکين ۾ ڪر بلائون هن

اسين احساس جا قيدي، اسين جذبات اگهايل
اسين ترتيب کان باغي، عجب پنهنجون ادائون هن

فلسطينن جيان پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي اسين ڌاريان
اسان جي درد جون جاني انوکيون ماجرائون هن

☆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪ هڪڙي هئي، پر ٻه چاتيون هيون
تن جي وچ ۾ وڇوڙن جون ڪاتيون هيون

عشق جي شهر ۾ خود فريبي نه هئي
ڪي ٻه نالا هئا ۽ نه ذاتيون هيون

شهپرن ڪي ڳلن جي سندر ٽيڪ هئي
چا ته سي ڏيهن هئا. چا ته راتيون هيون

سي مسافر ٿڪڻ ڪان مٿانهان رهيا
پنڌ جون عظمتون جن ٻه ڄاتيون هيون

ڪير اهڙي نگر ۾ رهي ها جتي
ڪوبه رولاڪ هو ۽ نه جهاتيون هيون

يار ڄاني خمارن پڇاڻان ڏنم
جهول ۾ چند ويساهه گهاتيون هيون.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

برتري سونهن، تنهنجي رهي پيار ۾
جيت تنهنجي سدا، مان سدا هار ۾

سرمدي ذوق توکي امرتا ڏني
نه ته اپيچند هئا ڪوڙ سنسار ۾

هير جي ساز تي ٿا ڪنول رقص ڪن
جڻ ته جهومن پيا رند اوتار ۾

ڪير شيشا ڇپاڙي پلا ماڻ جا
ڪير ميڙي چميون، ڏيهه ڏهڪار ۾

نيڻ جاني بغاوت به سرجڻ لڳي
نيڻ ڪوئل ڪڻي ڪوڪ مانار ۾

★

پرين نہ آئين تہ لڙڪ جاڙا لڙي ڳلن تي پسار ڪن ٿا
حساس جذبا پڪار بڻجي، وري رڳن تي پسار ڪن ٿا

اڇين تہ ساجن، عبادتن جا حسين لمحا قضا نہ ٿيندا
نهار جا ڪي نفيس سجدا، اچان دڳن تي پسار ڪن ٿا

سدا اسانجي سرير ۾ ڪا هڳي پيئي ياد جي ڪتوري
لطيف احساس شاعراڻا، سدا پنن تي پسار ڪن ٿا

شعور آ دستگير منهنجو ضمير منهنجو ستون نہ آهي
نگاهہ سوراج ۾ ڪتل ۽ قدم ڪنڊن تي پسار ڪن ٿا

بسنت مرڪي، شگفتہ وڪري گلاب ٽڙيا ۽ پوءِ جاني
سڪيلڌا درد نيڻ مهٽي، اٿي رڳن تي پسار ڪن ٿا.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

مون سدائين سِنا ڏنگ احساس جا
پوءِ ٻه چمندو رهيس، انگ احساس جا

تو اڳيان مان ڪُڇي ڪين سگهيس مگر
روح ۾ ٿي وڳا، چنگ احساس جا

ناڻ تہ هو، ڪنارو تہ دوڪا هٺا
جي ٻڌا، تن ڏنا رنگ احساس جا

ڪاش ٻيليو نہ ها، پيار جي ڪيت ڪي
۽ مروڙيو نہ ها سنگ احساس جا

سوچ جو سلسلو ڇو ڪُٺي ٿي نہ ٿو
ڇولين ٿي نہ ٿا ڊنگ احساس جا

شرمئي شام جمو پيار جاني وري
ٿو لٽاڙي پيو جهنگ احساس جا

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي الڪا، ڳڻتيون، ڳاراٽا، ڇا جيئن اهڙو ٿيندو آ
هي سارين سڏڪا، جهوراٽا، ڇا جيئن اهڙو ٿيندو آ

جو راتيون ڪاٽيون ٿينديون هن، جو جيتيون چاتيون ٿينديون هن
جو هر هر رسندا هن راٽا، ڇا جيئن اهڙو ٿيندو آ

ڇا ڏياج رساريه سرو پڇي، يا ٻيجل جو فنڪار تڪي
جو ساز جانڪ ٿيا ساٿا، ڇا جيئن اهڙو ٿيندو آ

هڪ طبقو نيرو وهائي ٿو، ٻيو طبقو جنهن ۾ ڳائي ٿو
ٿا سوچن ماٺيو ويڳاڻا، ڇا جيئن اهڙو ٿيندو آ

ڪنهن خوشبوءَ تي الزام هنيو، ڪنهن رنگن تي زنجير وڌا
اي جاني ٻيگهلاڳوناٺا، ڇا جيئن اهڙو ٿيندو آ.

گهيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

سار جون اطلسي چاهنائون ڪٽي
شام آئي ملائم ادائون ڪٽي

عاشقي تنهنجي آغوش مان جو اٿيو
سو اٿيو حسرتن جون ڪٽائون ڪٽي

هي گهٽين جي مٽي ڪيئن لٽن تان چنديان
گڏ رُلي آ اوهان جون پڇائون ڪٽي

زندگي وهه. وٺي ڪا خدائي ڇَٽي
آدمي ٿو جيئي پوڳنائون ڪٽي

هير وانگي گُهلان. ٿيو گهٽائون رلان
ديس لئه چاهه جون واسنائون ڪٽي

چامڙن لئه ته مان زهر جي گيت هان
هونئن سوين گيت هان، ميت آئون ڪٽي

يار جاني وري ٻات ڪي ڪات هڻ
چنڊ وانگي ڪڙي پئو شعائون ڪٽي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

هوءَ جڏهن کان ڏار ٿي آ هر خوشي سنگسار ٿي
ميڪلائيپ جي خطا ۾ زندگي سنگسار ٿي

اي مسيحا! ڇا ٻڌايان، چوٽ ھڪڙي ڪين آ
هر ڳلي هر چونڪ تي ھي دل ڇري سنگسار ٿي

شبنمي لهجو هيو ءِ ريشمي الفاظ هئا
ساٿ جي احساس ڏاران، شاعري سنگسار ٿي

اي زمانا، درد پنهنجا تو ڇڏيا مون ۾ پري
مون لکيو توتي تہ منهنجي عاشقي سنگسار ٿي

مون لکڻ چاهيون هزارين چاهتن جون آيتون
ڪو پڙهڻ وارو نہ هو پيغمبري سنگسار ٿي

بي خوديءَ ۾ يار جاني سونهن کي سجدو ڪيم
نرم جلون جي پڌر تي سرڪشي سنگسار ٿي

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

●

روح جون ٻي چينيون ۽ سار جون رنگينيون
جنهن پروڙيون. تنهن لڌيون اظهار جون رنگينيون

هڪ طرف تنهنجي چپن جي چاشني جو موهه آ
ٻئي طرف مونکي چڪن ڏنيون دار جون رنگينيون

اڳريون تنهنجي چڳن جي سات ڏاران سانوري
ٻي سٽيون آهن. لڪن ڪيئن. پيار جون رنگينيون

زندگيءَ جي گوڙ ۾ صوفيءَ جو منطق. فلسفو
ڪير پوڄي هن جيان مانار جون رنگينيون

نيڻ عاشق ڳوٺ جي فطري نظارن جا هئا
ڪين تن کي آنڙيون بازار جون رنگينيون

”صدين کان ريت. ٿيندي جيت آهي ميت جي
سوڳ. تون پڻ پوڳ جاني هار جون رنگينيون

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيـــان ميــڏي، ســنير جـــذبن جـــا
پـــاڻ آهيـــون اســـير جـــذبن جـــا

دوســـــتن جــــي روش ٻـــڌائي ٿــــي
خـــون ٿينـــدا، صـــغير جـــذبن جـــا

يـــا خـــدا، هـــي ٻـــ ڪـــا حيـــاتي آ
چـــار آهـــون، ٻـــ نيـــر جـــذبن جـــا

پنهنجي جانيءَ ڪان ڇو پري ٿـي وئين
اڄ تـــ ســـيڪيون ســـرير جـــذبن جـــا

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ياد

وري انگ مهڪي پيا رات جا
وري هير خوشبو ورهائي پئي
وري ٿا وڄن ساز جذبات جا
وري چانڊني گنگنائي پئي
وري چنڊ ٿو چلولايون ڪري
وري ٻاڪرن لئه سڪي ٿو بدن
وري درد ٿو ٻاڪرن ۾ ٻري
وري ڪنهن چميءَ کي پڪاريو چپن
وري روح ۾ بيقراري ٿئي
وري لڙڪ جاڙا ڳلن تي نچن
وري تار آسيس جي آ ٿئي
وري ساهه سرهاڻ جو ٿا پچن
وري ياد تنهنجي وري سانوري
وري دل رني آ، چري، سانوري

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ياڙيو

صاحب مون تي ڏمريو آهي.
چئي ٿو: ”وردي ميري پاتئي
بوٽ بہ پالش ڪين ڪيا ٿئي
۽ ٽوپي پڻ ٺيڪ نہ آهي
شيو وڌايو بيٺو آهين
جوڪر، مچو لوسي آهين.“

سوچيم ڪيس وراڻيان آئون
رشوت خور حرامي پلا
تون ڇا ڄاڻين پيڙ اسانجي
پاڻ گلابن جي چاهت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوش وڃايو ويٺا آهيون
پنهنجن ڳاڙهن احساسن تي
روز رنگن جو نُور وسي ٿو
روز اکين جي اوجاڳن کي
هڪڙو نئون اظهار ڏيون ٿا
پاڻ مٽيءَ جي خوشبو آهيون
مٽيءَ سان ئي پيار ڪيون ٿا
تون ڇا ڄاڻين، مٽي ڇاهي
گانگهٽ جهڙا شهپر ناهي
ڪڏڙن وانگر پاڻ سنوارين
مسڪينن لئِه ٻاهيون ٻارين.
سردارن جا بُوٽ چٽين ٿو
ڀوتارن جو ڀَڙوو آهين
پيٽ ڀرڻ ڏاران ڇا ڄاڻين."

پر سوچيان ٿو جي ايئن چوندس
صاحب ويتر ڏمري پوندو
۽ پني جي چوٽائيءَ تي
مونکي جيڪي آرڊر ڏيندو
تنهن آرڊر سان
منهنجن ٻارن ٻچن جو هُو پيٽ ڪٽيندو
آئون انا کي گهٽو ڏيئي
صاحب کي سيلوٽ ڪيان ٿو
گذريل سورنهن سالن وانگر
اڄ ڀي آئون ڀاڙيو ٿيان ٿو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ورھاڱو

نندڙي چئي ٿي، بابا منهنجو
نندڙو چئي ٿو بابا منهنجو
نندڙي چئي ٿي:
بابا جون هي ڳاڙهيون ڳاڙهيون اکيون منهنجون
نندڙو چئي ٿو:
بابا جا هي هٿ ٻه منهنجا، پير ٻه منهنجا
بوٽ ٻه منهنجا واچ ٻه منهنجي
نندڙي چئي ٿي:
بابا جي هي شيشن واري ٽوپي منهنجي
ٽوپيءَ جا سڀ شيشا منهنجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽوپيءَ جا سڀ ڌاڳا منهنجا
ننڍڙو چئي ٿو:
بابا جاهي ڪپڙا منهنجا، کيسا منهنجا
۽ کيسن جا پئسا منهنجا
تنهن تي منهنجي پوڙهي امان
ٻارن کي وندرائڻ خاطر
مرڪي عينڪ لاهي چئي ٿي:
هن کي مون ئي ڄڻيو آهي
هن تي، منهنجو حق نهي ٿو
تنهن تي، ها ها ۽ نہ نہ جو
هڪڙو وڻندڙ گوڙ اٿي ٿو
منهنجو روز ورهاڱو ٿئي ٿو
پر، هر پيري منهنجي ونې،
مرڪي، خاموشي ٿي اوڍي
خاموشيءَ ۾ راز تہ هوندو
پر مان سادو سودو ماڻهو
راز پروڙي سگهندو ناهيان
روز ورهايو ويندو آهيان.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جوڀن

هي دنيا، ون ون جو ٻن آ
۽ مٺو ونءُ ونءُ جي ڪاتي
پر هو ڪاتيءَ ڪي ڪاٽ ڪُٺي
هر روز ٽڪي ۽ گهٽائي ٿي
تهه ٻن ۾ ڪوئل ڳائي ٿي
جو جوڀن آ، سو پل ڪن آ
جو پل ڪن آ، سو جيون آ
۽ جوڀن کان پوءِ جيون ۾
جيڪو سڏڪو آ سهڪو آ
سو ساروڻين جو جلوو آ

جڻ ساهه وندڙ جي پاڇي آ
۽ پاڇي پاڇو روح جو
هڪ سوال اڀو ڇا ۽ ڇو جو
هي ڇا ۽ ڇو جو انت نه ڪو
ڇا انت به ڪائي ساهي آ
يا اونهي ڪا اونداهي آ
ان ساهيءَ يا اونداهيءَ جي
جا ڪا هي آ، ان ڪا هيءَ جي
ڪا حد به آ، يا لاحد آ
جي حد آهي، سا ڇا آهي
جي لاحد آهي ڇو آهي
سو ڇا ۽ ڇو جو هي ڪنڊو
صدين کان سوچ جي نڙگهٽ ۾
جيئن ڦاٿو هو تيئن ڦاٿل آ
پر جوين جي رُت ڪوئل آ
جا بن جي من ۾ ڳائي ٿي
هر تاريءَ کي جهومائي ٿي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماسي حاجل

ڳتيل ڳوٺ جي ڪاپي پاسي
چرسين جو مئخانو آهي
مئخاني جي پوئين پاسي
ماسي حاجل جو جهوپو آ
تنهن جهوپي ۾ رش لڳل آ
گم سم آهن پوڙهيون، پوڙها
شايد تن کي ڳڻتي آهي
ڳوٺ ۾ ڪا دائي ناهي
ماسي حاجل رات مري وئي
ماسي، جنهن جا هٿ مسيحا
مائن جي پيٽن جا سونهان

ويم جي سورن لِئِ آئبت هئا
تن هٿن ۾ رڦڻي ناهي
هٿ اهي، جن خالق سان
تخليق ۾ هٿ ـ همراهي ڪئي هئي
هوندن ماسيءَ جو مڙس موالي
بي اولاد گذاري ويو هو
ليڪن ماسي سنڌ ڪٿي هئي
ڳوٺ سڄي جي ٿوهه جواني ۾ ٻاروتڻ
جنهن ۾ مان پڻ شامل آهيان
ماسيءَ جو اولاد ته آهيون
پاڻ سين جي پهرين رڙ تي
ماسي ڀهڪي ٿهڪي هوندي
پر ماسيءَ جي
پوئين هڏڪي ڪنهن نه ٻڌي آ
سور سَندن جو سهندي سهندي
آخر رات گذاري وئي آ.

مئخاني جو ڪارو جهنڊو
ڪنڌ جُهڪايو بيٺو آهي
شايد هو سوچيندو هوندو
ماسيءَ ڪي مُئي سال ٿيا هن
ڪيئن چون ٿا رات مُئي آ
جهوپي ۾ ڪو لاش نه آهي
روين لئه گار پئي آ.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

100

# ڊاڙيل جي ڏيءَ

ڪلاشنڪوف جو ڏنيل
پيو آ لاش ٽاٽي ۾
اڃان تائين، سنڌس
وحشي اکيون جاڳي رهيون آهن
سجاٽپ ۾ وصوليءَ لئِہ
ٻہ ـ ٽي مايون پڳيون آهن.
انهن سان گڏ
ستن سالن جي هڪ معصومڙي آهي
پئي آ لاش سان چنبڙي
اکين مان لُڙڪ ٿي لاڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئي ٿي اٺ هلون بابا
وڏو صاحب، وٺي شهپر
اسان سيني سپاهين تي
ڪري دابو چئي ٿو پيو
اوهان کي ڇا ٿيو آهي
ٿا ڪهڙي ڊوڙ پايوڙي
هٽايو جلد ڇوريءَ کي
صحافين کي گهرايو ڙي
پراڻي سوچ جي عادت
وري مونکي وڪوڙي ٿي
وري ماڻهو ٿيان ٿو مان
۽ منهنجو روح ٻوڙي ٿي
اها برسات،
جا معصوم مکڙيءَ جي اکين ۾ آ،
گهري ٿي دل تہ پرچايان
اُگهي ڳوڙها، چميون پايان
ٽري صاحب تہ ڳل لايان
بنہ ناهيد جهڙي آ
اها ناهيد
جنهن مونکي وڇوڙن سان ملايو هو
جوانيءَ جي قبر جي مٽيءَ
حياتيءَ جي ذلالپ جو
نئون نوحو ٻڌايو هو
انهي جي ياد جي مڙهہ کي
لڪائي لوڪ جي بد ذوق نظرن کان
اجان تائين پيئان ٿو مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ دردن جو ڪفن ويڙهي
ڄُهريل هن جهوڪ ۾ جيئن تيئن
اجان تائين جيئان ٿو مان.

اها ناهيد چوندي هئي،
چِڙي ڏي نوڪري اَبو
اوهان کان پوءِ جهيڙبندا
مونسان آهن امي، پَپُو
اميءَ کي پٽ پيارو آ
۽ مان تنهنجو حصو آهيان
پپوءَ کي ڪجهہ نہ ايندو آ
۽ مان سهڻيون گُڏيون ناهيان
اوهان کي نوڪري چا لئہ
اسان کان وڌ پياري آ
اوهان شايد ٻڌو ناهي
تہ چوندو آ ملان ڪاڪا
خدا پيدا ڪندو آهي
تہ روزي پاڻ ڏيندو آ
وري سيٽي وڳي آهي
ٿڪي تارون پيون آهن
خيالن ۽ سنيارن جون
هي منهنجي بي حسي جاڳي
الائجي بيوسي جاڳي
پيو سوچيان تہ
پنهنجي لاءِ سوچڻ بي وقوفي آ
اسان پارن جي قسمت آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ گھر لئِہ تيل ٽيٽو آ
وچي ٻيهر ٻرڻ گھر جي
نئين ڏيوٽي ڪرڻ گھر جي
پرائي پتڪڙيءَ جي پيار ۾ اٽڪي
بنه معصوم خواهش لئِہ
وڃهان ڇو پاڻ ٻوهي ۾
مان سرڪاري غلام آهيان
۽ هن معصوم مکڙيءَ جي
سماجي حيثيت ڇاهي
ڪٿي ناهيد جهڙي آ.
مگر ڏاڙيل جي ڌيءَ آ

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ورجاءُ

دوســـت چـــون ٿـــا: جـــاني صـــاحب!
تنهنجـــا گيـــت رســـيلا ســـندر
پـــر تـــن ۾ هـــڪ عيـــب بـــ آهـــي
جـــو تـــن گيـــتن ۾ تـــون هرهـــر
جانـــان, جـــو ورجـــاءُ ڪـــرين ٿـــو
شـــاعر ڪـــي ورجـــاءُ نـــ ســـونهين
يـــار غـــمِ جانـــان ڪـــان عـــلاوه
ٻيـــا بـــ هـــزارين موضـــوع آهـــن
جيڪـــي تنهنجـــي راهـــ ڏســـن ٿـــا
آئـــون چـــوان ٿـــو: قبلـــ ســـائين!

جانـــــــــــــــان ڏاران
ايـــئن هـــي منهنجـــي ذات ٻُســـي آ
چنـــڊ بنـــا جيـــئن رات ٻُســـي آ
جانـــان ري مـــان ڪجهـــ بـــ نـــ آهيـــان
جانـــان ئـــي منهنجـــي "مـــون" آهـــي
مهنجـــي رڳـــن جـــي رون رون آهـــي
جانـــان ڏاران گيـــت بـــ ڇـــا جـــا
ڇـــا ڀَـــتن ۽ ڀـــانن وانگـــــر
مـــان بـــ وڃايـــان، ڊفليـــون باجـــا؟
ڇـــا پرچـــارڪ گيـــت لکـــا مـــان
ڇـــا سياســـت جـــو ڳيجهـــو ٿيـــا مـــان
مـــونکي معـــاف ڪجـــو ڪـــو موضـــوع
جانـــان ڏاران ڪـــين سُـــجهي ٿـــو
ڪيـــئن سياســـي طوطـــو ٿيـــان مـــان
مونکـــان اهـــو ڪـــين پڇـــي ٿـــو

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڦيٿو

بس جو پوڙهو ڊرائيور سوچي
منهنجا پٽ تہ پاڳل ٿيا هن
سياسي مهرا بڻجي ويا هن
جلسا، ريليون، بک ـ هڙتالون
هر ڪنهن شور پر هڪيا تڪيا
حاضر ناضر هوندا آهن
پر نہ ڪوئي ڪم ڪار ڪندا هن
بک هڙتال تان ورندا آهن
ايئن مانيءَ تي ڪرندا آهن
ڄڻ دشمن جي در تي آيا

جڻ ڪارنهن جو خير ڪندا هن
مان ۽ بختاور سمجهايون
ٺهڪ ڏئي هُو کلندا آهن
منهنجي پرپٺ چوندا آهن
بابا پنهنجو اڻپڙهيو آ
هُن وٽ سياسي سُرت نہ آهي
امان جو آ ويرُ عقل سان
ويچاري سادي سودي آ
منهنجو خير آ، پنهنجي ماءُ لئِہ
ڪيڏي ڪريل سوچ رکن ٿا
بختاور لئِہ ايئن چون ٿا
بختاور جا بختاور آ
جنهن جا گهر تي ٿورا آهن
ماءُ جواني بختاور جي
جڏهين مون سان پرڻائي وئي
جڻ آڙاهُ ۾ اڇلائي وئي
مان جيڪو ڪنهن هرڻ اکيءَ جي
نيڻن جو ٺُڪرايل ماڻهو
پورا پورا گهايل ماڻهو
پنهنجو ئي احساس نہ هو ڪو
هن جو جا احساس ڪريان ها
پاڻ ٿتل ڪنهن تاري وانگي
هُن کي ڪهڙي ٽيڪ ڏيان ها
ايئن جواني بختاور جي،
منهنجا ڏيزل - هاڻا ڪپڙا

107

ڏوئنـدي، لُڇنـدي، روئنـدي گـذري
منهنجـي دل جـا ٽُڪـرا، ٽوٽـا
ميڙينـدي، جوڙينـدي گـذري
جـڏهين، سـچل، بچـل ڄايـا
مـونکي هـن سـان پيـار ٿيـو هـو
سـچل ۽ بچـل سـان گـڏ ڇـڻ
هـن مـونکي پـڻ جـنم ڏنـو هـو
يعنـي پنهنجـي پيـار جـو محـور
سـچل ۽ بچـل ٻٽيـا هـا
ننـڍون سـاڙي، بکـون ڪـاٽي
هـر خـواهش کـي گهٽـو ڏيئـي
سـچل، بچـل کـي پاليوسـين
سـچل، بچـل هـاڻ وڏا ٿـي
گانـڌي، پٽـو ٻٽيـا آهـن
چـاراڪـر ڇـا پڙهيـا آهـن
جـڻ هـواپ تـان ڇٽيـا آهـن
اِت اهـا بڪـواس ڪيئـون پـي
هـاڻ حڪومـت جـي هـر سـازش
قـوت سـان ناڪـام ڪنداسـين
ٿـائر سـاڙي، رسـتا روڪـي
هـر هـڪ ڦيٽـو جـام ڪنداسـين
هـاڻ لڳـي ٿـو جيـل بـه وينـدا
هـن عمـر ۾ پنهنجـي مـاءُ کـي
شـايد نئـون ڪـو درد بـه ڏينـدا
مـونکي ڏاڍا پيـارا آهـن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيــــٽن جـــا ٻئـــي تـــارا آهـــن
پــر مــان تــن كــي كيـئن سـمجهايان
جيــــون كـــو رانـــديكو نـــاهي
جيـــون ڦرنـــدڙ ڦيٿـــو آهـــي
ڦيٿـــو ڦرنـــدو پٽـــو ملنـــدو
پٽــي ســان ئــي پــٽ رجهــي ٽـو
سياســـت، ســينٽن ســـردارن جـــو
پيشـــو آهـــي، رونشـــو آهـــي
سياســـت ڇـــاٽي، صـــاحب ڇـــاٽن
پـــر پنهنجـــي مجبـــوري آهـــي
ڦيٿـــو ڦـــرڻ ضـــروري آهـــي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پريمي جوڙو

اجان تنهنجي اکين ۾ آ
سمونڊن جهڙي گهرائي،
هڳائون ٿي ڇڏين ڇوڙي
جڏهن ٿي زلف لهرائين
اجان تنهنجي ڳلن جي باک ۾ آ
ساڳي رنگيني
اجان تنهنجو بدن ريشم
ڇهڻ سان ڇپ هي منهنجا
سوين معراج ماڻن ٿا
ڪٿي جو تنهنجي اُرهن جون

اهي ارڏائيون ناهن
انهن صوفي فقيرن جيئن
نهٺايون سکي ورتيون
مگر جنهن ويل سيني کي
انهن جي ٺيڪ ملندي آ
وڏو آسيس ايندو آ
اڃان ڀي تنهنجي ٻانهن جي
ٿي وڻ- ويڙهي جڏهن ويڙهي
وساري ٿڪ دنيا جا
بدن ساڃو ٿي پوندو آ
چوڻ جي هيءُ مقصد آ
تہ پنهنجو حال ڀي
بدحال ڪونهي ڪو
مگر ماضي تہ ماضي هو
جڏهن مون لاءِ اي جانان!
اها آفيس جي بد روح
لوڙ لوڙان ڪين هوندي هئي
نہ ٽائپ رائيٽر جي ٽڪ ٽڪ سان
ٻڏل ها، سوچ جا ڌاڳا
نہ اوور ٽائيم ڊيوٽي لئہ
اکين ڀوڳيا ها اوجاڳا
نہ آفيسر جي ڪِر ڪِر تي
مٿي ۾ سور پوندو هو
نہ ئي يڪسانيت ۽ بوريت ڪان تنگ ٿي
هيئن خودڪشيءَ جي پُور پوندو هو
نہ ئي گهر جي پريشاني
سندءِ ڳالهين مان ڇٽندي هئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تنهنجي چيلهہ کي جانان
ٺڪاوٽ ڇڪ هٽندي هئي
سڪي، روبوٽ ٽيڙ کان اڳ
هوائن تي سواري هئي
ادائون ناز ۽ غمزا، اوهانجا
دين هئا منهنجو
۽ تنهنجو پڻ تہ مذهب هو
وفا جي سونهن کي پوڄڻ
وفا جي سوڀ کي ماڻڻ
آڄان پڻ ياد آ جانان
بغاوت منهنجي نيڻن مان
جڏهن ڳاڙهيون لڪيرون ٿي
وڏي پاپوهہ مان جرڪي
۽ ڳاڙها ڳل تنهنجا پڻ
بنه ڳاڙهي جهنڊي وانگي
ڪُڏن رسمن رواجن سان
وڏي ڪا جنگ جوٽڻ لئہ
سوين سنديس ٿي پيا ها
تڏهن تو منهنجي چاهت جي
۽ مون تنهنجي محبت جي
چٺي تي ليڪ اورانگهي
سماجي بندشن واري
چڏيون سي، ڳوٺ جو ڳليون
اهي ڳليون، جتي جانان
اسانجو عشق جاڳيو هو
نہ سوچيوسين، اسان کان پوءِ
انهن ڳلين جو ڇا ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي جو پاڻ کي پوبان
سوين نيٺن سڏيو هوندو
مگر جوين تہ جوين هو
انهي جوين جي، آويءَ ۾
پچڻ جو پنهنجو چسڪو هو
وڏي هڪ ويڙهہ وڙهڻي پئي
روايت سان رواجن سان
اسانجو عشق صادق هو
اسانجي جيت ٿي وئي هئي
ڇنس لاڪپ منجهان آئون
ڇڏيو دارالامان توکي
ملي هي زندگي جيڪا
ڪٿي ڪوجهي ڪِني ناهي
مگر اهڙي بہ ناهي جو
اسان جهڙي طرح سوچيو
اسان سوچيو هيو شايد
جڏهن پنهنجو وهاڻ ٿيندو
حياتي گيت ٿي ويندي
جڳن جي جيت ٿي ويندي
دلين ۾ درد جو ٻنهين
نہ ڪو تاڪو ڇتي رهندي
نہ ڪائي ڏر ڏتي رهندي
اسان جا روح خوشين جي
ڏڏيري ڇانوَ ۾ رهندا
نہ ڇاتوسين، نہ ڇاتوسين
ڪنڊا هيئن هانوَ ۾ رهندا
سدا پڇتاوَ جا جانان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙي جانان، چري جانان
ڪڏهين تو سوچيو آهي
پپوءَ جي مٿڻ تي مرڪڻ
گُڏيءَ جو گونهن ڏوئڻ لئه
تو ماٺهي جي چُني لاٿي
پٺهين جي پڳ لهرائي
۽ چيا، هن لوڙ لوڙان لئه
انهي يڪسانيت ۽ بوريت خاطر
مون بابا جي ڪنول نيڻن
امان جي ڪير جهڙين ٻن نياڻين جا
چٽيءَ ۾ سنگ پريا ها.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رام ڪهاڻي

ميڊيڪل اسٽور جي پرسان
ڪيڏو وڏو ريڙهو آهي
۽ ريڙهي جي ساڄي پاسي
ماضيءَ جو مزدور ڪڙو آ
ڳاڙهيون اکيون، اڇي ڏاڙهي
جهوني ٽوپي، ڦاٽل چمپل
ليڪن ڪپڙا ڌوتل پوتل
هڪ هٿ ۾ دارونءَ جو پرچو
۽ ٻئي هٿ ۾ هٿ پوٽي جو
هو سوچي ٿو: هئه هئه پئسو
دين ٻڏيو ايمان ٻڏيو آ

پئسو انسان لئہ ڪونهي
پئسي لئہ انسان بڻيو آ
مون بہ تہ هن لئہ وڙ٘ٻو آهي
آذي مانجهي لوڙ٘ٻو آهي
پر هي ظالم هٿ نہ آيو
هن جي دوريءَ ڏاڍو گهايو
پٽ تہ ڪاري ڪامڻ ۾ مئو
پر اڄ سهڻو ڊاڪٽر چئي پيو
پوڙهي کي پڻ ڪامڻ آهي
ميڊيڪل اسٽور جو ڇورو
ڊاڪٽر جهڙو سهڻو آهي
پر سهڻا سنگدل ٿيندا هن
هي پٿر جو بي حس بوتو
داروءَ جي جا قيمت چئي ٿو
جڻ مان ڪانئس سنگ گهران ٿو
هاڻ پُٽي يت جيئن پران ٿو
منهنجا مالڪ، منهنجا مولا
بيوه نهن کي هاڻ ڇوان ڇا
لال قلندر گهوٽ پٺائي
ڪيو ڪا واهر، ڪيو سڻائي
تنهن پل ڏاڏي جو هٿ لوڏي
پوٽو چئي ٿو: وڏا بابا
مون کي هڪڙو تول وٺي ڏي
ڏاڏي جي دل پرجي آئي
هٿ گوڏي تي رکي جُهڪي ٿو
ءِ پوٽي جا ڳل چمي ٿو
دل روئڻ لئہ آتي ليڪن

116

ضبط ڪري هو چئي ٿو: بابل!
اڄ پئسا ڪجهه ٿورا آهن
تن جو دارون ئي وٺنداسين
جڏهين پئي پيري ايندا سين
منهنجو توسان واعدو آهي
توکي تول وٺي ڏيندس مان
پوٽي جي دل پورا پورا
هو سوچي ٿو: ڏاڏا وٽ ڇو
هر پيري پئسا ٿورا هن
پنهنجي پاڙي جا ڇورا هن
سيني وٽ ڪيڏوٽا آهن
ڇو جو پاڙي جي ڇورن ۾
مون جيئن ڪوبه يتيم نه آهي
اڄ جي منهنجو پيءُ هجي ها
مون لئه تول ضرور وٺي ها

ڏاڏو سوچي، پوٽو سوچي،
سوچ پنهي جي حسرت هاڻي
درد پنهي جو پنهنجو پنهنجو
پنهنجي پنهنجي رام ڪهاڻي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پوڙ

پاڻيءَ ۾ جو خواب لڙهي ٿو
تنهن جا ڏسندڙ نيڻ ڪٿي هن
جن نيڻن جي آس لڙهي ٿي
آتت جو احساس لڙهي ٿو
جيئڻ جو وشواس لڙهي ٿو
شايد بدقسمت نيڻن سان
خواب لڙهڻ کان اڳ ۾ ٻيا پوءِ
ممڪن آهي ايئن ٿيو آ
جو پائيندڙ جي ڪا ڇولي
تن نيڻن کي پائي وئي آ

اجگر جيئن ڳڙڪائي وئي آ
۽ تن جو لوٽائو پاڻي
پاڻيءَ ۾ ٿي پاڻي ويو آ
ٻڌجي لوڪ ڪهاڻي ويو آ
يا ممڪن آ، ايئن هجي جو
ڪنهن امدادي ڪئمپ جي ڪنڊ ۾
نيڻ اهي پڻ پٿر ٻڌجي
روز سهن ٿا نئين ڪا خواري
روز ڏسن ٿا ڪيئن مداري
بک، اوگهڙ کي ناچ نچائن
۽ پوءِ پنهنجي فنڪاريءَ تي
ڪيئن پيا ٿا جهمريون پائن
روز ڏسن ٿا نئين ڪا لوري
نوحي ۾ تبدل ٿئي ٿي
روز ڪا پاڻيءَ جي پوڄارڻ
پاڻيءَ کي ٻارا ڏئي ٿي
روز انا سان تعدي ٿئي ٿي
روز حيا جو ڪنڌ جُهڪي ٿو
۽ پاڻيءَ ۾ خواب لڙهي ٿو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڦرٽي ڪرسي

رامو راجو ڪرشن، سونو
سِنگهہ اگهڙ ۾ پورا آهن،
تن کي کهڙي ڳالهہ تہ ”ٻالو“
ٻارنهن سالن جي عمر ۾
صاحب وانگي ٽيبل پويان
ڦرٽي ڪرسيءَ تي ويهندو آ
پر، مان تن کي راز ڏيان ٿو
پنهنجي خوشبختيءَ سان، ڇورن
ساڙولن جي ساڙ ڳڏيان ٿو
راز رڳو ”چمپا“ کي ڏيندس

جـذهين هـن سـان شـادي ٿينـدي
صـاحب واري ڦرڻـي ڪرسـي
ان کـي ئـي تحفـي ۾ ڏينـدس
کـيس اهـو پـڻ سـمجهائيندس
دفتـرَ جـون دريـون، در ٻـوٽي
انـدران ڪنـديون بنـد ڪري پوءِ
ڦرڻـي ڪرسـيءَ تـي ويهـو آ
پهـرين ٻـ ـ ـٽي ڦيريـون پـائي
تـنهن کـان پـوءِ نـالو لکبـو آ
آڳـر سـان ميـري شيشـي تـي
ان شيشي تي، جنهن تي صاحب
روزانـو لکنـدو آ قسـمت
مـاتحتن ۽ مـائٽن جـي
نـانءُ لکـڻ کـان پـوءِ صـفائي
ٺيـڪ نمـوني سـان ڪرڻـي آ
چو جو صاحب جو [illegible] چپراسي
هلڪي غلطيءَ تي پڻ ڪيائي
ڳـؤري ڳـار ڏئـي وٺنـدو آ
هـو صـاحب کـي پيـارو آهـي
صـاحب کـي مـايون ڏينـدو آ
ينـگ ٻـ پـاٽيءَ جيـئن پيئنـدو آ
پـوءِ ٻـ هُـو اشـراف ٿـو سـڏجي
پـاڻ سـدائين "ينگـي" سـڏ جـون
چـو جـو پنهنجـي قسـمت آهـي
گٽـر، گنـد، ٻهـاري، پوچـو
اڄڪلهـ چـورن ۾ آ شوشـو
ٻـالي کـي کـوجن لڳـو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڳــو موڳــو رهنــدءِ آهــي
تــن لِمــرن کــي ڇــاڻ بــہ کهــڙي
دفتــر صــاف کــرڻ کــان پــوءِ پــي
ڦرڻــي کرســيءَ تــي ويهــڻ جــي
خــواهش مــور نــہ گهٽبــي آهــي
بئــي صــبح جــي اوســيئڙي ۾
پَــل ڳڻينــدو رهنــدو آهيــان
وقــت بــہ منــدي مــاکوڙيءَ جيــئن
کيــٺ چُــرڻ جــو نــانءُ ونــي تــو
ڏينهن بہ ڏاڙهونءَ جي پيءَ وانگي
جــڻ اُيســاهيءَ ۾ آ ورتــل
هــک هنــدَ ويهــي ســاهہ ڳڻــي تــو
ڏينهن تــہ پــوءِ بــہ شــينهن چــون ٿــا
جيــئن تيــئن گــذري وينــدو آهــي
رات تــہ رجنــيءَ جــي مــاءُ جهــڙي
کــاري، کــوجهي، ڏنــدري ڏائــڻ
هــانءُ کــيڻ لئِــہ آتــي آهــي
پــوءِ بــہ منهنجــي ڇــاتي آ
جــو مــان هــانءُ نــہ هارينــدو هــان
ڦرڻــي کرســيءَ تــي ويهــڻ لئِــہ
اوســيئڙي جــو ســور ســهائي
پيهــر ســج اُپارينــدو هــان.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نديءَ مسافر

نديءَ جي ڪنڌيءَ سان مسافر هليو پئي
ندي پڻ مسافر سان گڏ هئي سفر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا همسفر ٿئي
مگر تن جي وچ ۾ حجابن سندي ڪائي ديوار هئي
جنهن ٻنهي جي چپن تي تڪلف جا تالا لڳائي ڇڏيا ها
گهڻو وقت گذريو سفر ٿي سفر هو
نہ ڪي آٿتن جو هوائون گهليون
۽ نہ ئي منزلن جا ڪي پيغام آيا
فقط ايترو ٿيو
مسافر جي پيرن ٿڪاوٽ جو احساس ڳولي لڌو هو.
سندس چپ، پڙ ڪنهن
گمنام، ناڪام عاشق جي دل جيئن
ٿيا ڏارون ڏارون
مگر ڪين ڪارون، ڪيون تن تڏهن ئي
مسافر جي نيڻن ۾ ساڳي چمڪ هئي
ڪا اميد، ڳولا، ڪشش، ڪائي ڇڪ هئي،
تڏهن ئي مسافر جي احساس سوچيو
تہ پيرن کي ساهي ۽ آسيس جا ٻہ-ٽي پل ڏيئي
چپن تي اها جا ايامن جي اڄ آ
انهيءَ کي اُجهائي وري پنڌ پئجي
انهي سوچ ۾ هو ڪنڌيءَ تان لٿو هونديءَ ڏي
مگر ايئن محتاط انداز ۾ جيئن
ڪو اشراف نينگر سهارو ڏئي
ڪنهن ٻڍي شخص کي
روڊ جي رش ۽ حادثن کان بچائي
گهٽي، گهر يا ڪنهن موڙ تائين پهچائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ندي مرڪ ۾ خوش دلي، سان سنڌس آجيان ڪئي
مسافر ٻڪن ۾ پيري پاڪ پاڻي
ڇپن جي اڃن جي ختم ڪئي ڪهاڻي
نديءَ جي ڪا نازڪ ۽ معصوم ڇولي
مسافر جي پيرن سان ڇهڻ پئي اينن
جيئن ڪنهن ڌماڪي يا ڪنهن زلزلي جي قيامت پڇاڻان
معجزاتي نموني بچيل ٻار سان
اوچتو ماءُ گڏجي
محبت ۾ سرشار ڪي پل ماڻي
مسافر جي وڙڪڻ جي عادت اڻي پئي
وري ووڙ لئہ ور ڪنجيا مسافر
اچانڪ نديءَ هر تڪلف جي دوري هٽائي پڇيو هو
اڙي اي مسافر! تون ڪنهن لئہ ٿو ووڙين
تون ڪنهن کي ٿو ڳولين!
مسافر، نديءَ جي اچانڪ پڇا تي
ٿي حيران، ڪجهہ هبڪندي هو وراڻيو
مان ڳولڻ گهران ٿو اهي سرحدون
جن حدن کان وڌي آدمي ٿو خدا ٿئي
مان جُز آهيان، ڪُل کي تلاشڻ گهران ٿو
مان ڳوليان ٿو فطرت جي جادوگريءَ کي
ڪٿان ٿي شروع ٿي، ڪٿي ٿي ختم ٿئي
اها جيڪا فطرت ڳجهي ڳوٽ آهي.
اها ڳوٽ جيئن تيئن پيچڻ مان گهران ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر، اي نديءَ تو ٻڌايو نہ آهي
تون ڪاڏي کهين ٿي
ڏکهي پنڌ کان تون بہ مونسان هلين ٿي
مگر راز ڪوئي نہ مون سان سلين ٿي
نديءَ جي ڇپن تي تري مُرڪ آئي
ڇپائين مسافر، ٻنه سادڙو آن
تون جنهن کي ٿو ڳولين، تون جنهن لئہ ٿو ووڙين
اهو تون بہ آهين، اها مان بہ آهيان
مان فطري ڪلا جون سوين ڪائناتون اندر ۾ رکان ٿي
پئي نيڻ ڳوليان، اهي نيڻ جن ۾
پڙهڻ ۽ پروڙڻ، پرکڻ پکيڙڻ جي قوت هجي
اڙي اي مسافر، ڏٺو تو نہ آهي
جڏهن چنڊ مون ۾ لياڪو ٿو پائي
سندس عڪس کي ٿي هندوري ۾ لوڏيان
ستارن کي تڏهين ڪا معنيٰ ملي ٿي
جڏهن منهنجي ڇاتيءَ تي رانديون ڪڏن ٿا
تہ منهنجو بہ پاڻي لڳي سون جهڙو
ڏٺو تو نہ آهي
مصور هوائون
منهنجي هٿ ترين تي ٿيون تصويرون جوڙين
ڪٿي لوڪ تن کي تہ لهرون چوي ٿو
مگر هر لهر ڪائي تصوير آهي
ڏٺو تو نہ آهي ولر سڀ پکين جا
اجارا اجارا ٿي مون تي لهن ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڇهنبن جي تيشن سان ڪن جال تراشي
لکين مورتيون روز مون مان ڄڻن ٿيون
ڏنو تون ئـ آهي
ڇمر جي اکين مان
جڏهين لڙڪ ٿي آبشارون ڪرن ٿا
ڇما ڇمر، ڇما ڇمر، ڇنن ڇن ڇنا ڇن
سوين سُر تا سرجن
۽ تن سُرن تي، سوين جل- پريون محوِ رقصان ٿين ٿيو
ڪلا جي ڪا نئين دنيا تخليق ٿئي ٿي
مسافر، اڙي اي ڳهيلا مسافر
خوديءَ ۾ رهي تون خدا کي ٿو ڳولين
ڪنڌيءَ تان تون فطرت سندي طلسمي ڳنڍ کولڻ گهرين
تو
خوديءَ سان خدا کين ملندو آ مورک
ڪنڌيءَ تان ڪلا کي پَسي کين سگهبو
جي فطرت جون رمزون، ادائون، رنگينيون
شعائون، اونداهيون، اونهايون، ڪوتاهيون
پستي ۽ مستي پروڙڻ تو چاهين
تـ پنهنجا ٻئي نيڻ مونکي ڏئي ڇڏ
اهي نيڻ،
جن کي ڏسائون تو رولين
پيو پاڻ ڳولين
انهن ۾ مان منصف جون خوبيون ڏسان ٿي
مسافر، اهي نيڻ جي مونکي ڏيندين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ مان پڻ مڪمل، امر تون بہ ٿيندين
مسافر گهڙي ڪن ھڏي سوچ ۾ ويو
مگر جلد جاڳيو
نظر الودائي وڏائين ڪنڌيءَ تي
ھٿي نيڻ اربي چڏيائين نديءَ کي
نديءَ پڻ مسافر جي باقي بدن کي
وڏي پيار مان پاڻ ۾ ھو سمايو
نديءَ مان تڏھن ھڪڙو آواز آيو
'اناالحق باطن،اناالحق ظاھر'
مسافر ندي ٿيو ندي ٿي مسافر.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book